# دراوڙ دل جي تنهائي




نئون نياپو

Soorih Mirani

# دراوڙ دل جي تنهائي

[شاعري]

## اياز جاني

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب جو نالو: دراوڙ دل جي تنهائي
موضوع: شاعري
شاعر: اياز جاني
تعداد: هڪ هزار
ڇاپو پهريون: جنوري 2016
پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،
C-4 سچل ڳوٺ، گلشن اقبال، ڪراچي سنڌ
Ph#021-32624153, 34690389
Cell#0333-32115821

مُلھ 350 رپيا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا:

سنڌي ادبي سنگت

جي نانءِ

جنهن منهنجي خانه بدوش روح کي قومي تشخص عطا ڪيو. وجود ۾ دراوڙ دل جي دريافت اُن ڪان پوءِ جو ڪرشمو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستاءُ

مهاڳ :


12 ـ سِٽن منجهه سُهائو

امداد حسيني

25 ـ شاعريءَ جو طلسم

رسول ميمڻ

35 ـ وايون

141 ـ غزل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

65- ونگن مٿان ونگ - برسِي پيئي سانوڻي.
66- گهر نہ اورانگهي سگهي، در جي چائنٺ تي-
67- مَنُ موهن جو دڙو- دل دراوڙ آ پرين!
68- وسندو وسندو ٿر- بر ۾ ٿيندين بارشون.
69- ڪوڙي مان ڪنيار- آهيان مٽيءَ سنڌ جي.
70- ڪهڙي سجَ سنپار- اونداهي ايوان ڪي!
71- هاٿي هڏ ’حديد‘ ۾ هاٿي ’نئين ديري‘
72- واهروءَ آهي وڏو طوق منهنجي ڪنڌَ ۾-
73- بيوفا! بي درد موسم! ڇو نہ ٿي گذري وڃين؟
74- رڻَ سڄو گلزار ڪر- ڪر گلابي، موتيا!
75- خواب ڪان خالي اکيون- جڻ تہ صحرا ٿيون لڳن.
76- نينهن جهڙي نينگري- راڄ مان نڪري وئي.
77- ڪا ڊسمبر رات مون ۾ برف وانگر ٿي ڳري
78- رات جو چرڪي اٿي ننڊ مان، چيم:
79- ”ڪو بہ رستو نہ آ“، ٿي مسافر چيو-
80- بيخوديءَ جي مئڪدي ۾ جام جو ڏيئو ٻري ٿو-
81- هرجياپو اڄَ آهي، ڪير آ ڪنهن لئہ اڄارو
82- سدا پرواز ۾ آهي- پکي زخمي حياتيءَ جو.
83- هوءَ ٻرندڙ لاٽ تي- ننڊ مان جاڳي پئي!
84- اجالي جي تمنا جو قدم اتهاس ۾ رکجي-
85- ٻُڌِي جي سڏُ مٿيءَ جو اٿي سجدو ڪري ماٿهو
86- هزارين سالِ تنهائي، اسان جي روح پوکي آ.
87- ازل جو شور آهي ۽- اڪيلائي مسافر جي.
88- آد ڪان آهي وڇوڙو انت تائين اُڄَ آهي
89- وڃي ٿو ساز وحدت جو سڄو سنسار جهومي ٿو
90- جُڳن ڪان جيءُ ويڳاڻو- الائي ڇا تلاشي ٿو؟
91- سفر ۾ آ تہ، هر آڪاس ڪان اڳتي وڃي ماٿهو
92- اڳي ڪان اوپرو انبر، اڳي ڪان رات پاري آ-
93- ڏٺي مون پونءِ، انبر ۾ نهاريو يار توکي آ-
94- ڪهاڙيءَ ڪي چمي؛ پِڙ ۾ نچي ٿو نينهنُ زوراور-
95- جبر ڪان انڪار جي- سارَ سرحد پارَ جي.
96- دراوڙ دل جي تنهائي وصل جو ڪاج



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

97ـ ڪمهلي ريل ڪُوڪڻ سان، اسان جي دل
98ـ حياتيءَ جو ڪڪائون گهر. جهڙالي آسمان
99ـ ازل کان منصور من. دلڙ درازا روشني.
100ـ اٹپورو آڪاس. اورانگهي اِڪتي وئي.
101ـ چنڊ بنا آڪاش.
102ـ جاني! جڳ امر. رهه رهه منهنجي پاڪرين!
103ـ ڪيئن ڳچيءَ ۾ تڪڙو پاتئي ـ
104ـ خدا جي جِي حضوري ٿي.
105ـ پتڻ تي تيراڪ ـ اڻ تارُو اوڙاهه ۾.
106ـ وري ڪنهن موڙ ملنداسين
107ـ اوهان جا وار ڪاريهر.
108ـ عدم جي گودڙي لاهي. اچي مل تون حياتيءَ سان.
109ـ متيءَ جو سازمان آهيان، حوا مون کي وڄائي ٿي.
110ـ چنڊ ڪڙي يا گهاءُ. مايا ڪايا جر ڪندي.
111ـ تنهنجا سپ گمانَ. منهنجي سچي ڳالهڙي.
112ـ رُڪُ اچا پيي رتُ. سنڌ اچا پيي سوڳ ۾.
113ـ اڄ به ڪلاچيءَ ڪن ۾، مانگر مڇُ متو.
114ـ پنگرئي وارا پَير. پٿر تي ليڪي رکو.
115ـ هڏَ پچن هٿيار سان، دانهن نه ٻڌن سڏُ.
116ـ غلامي ڪُن جيان آهي. حياتي با خبر رِهجان!
117ـ حاڪم سائين + سنڌ جا! ڪٽنڊين ڪنڊ متي
118ـ اسان تي وقت اوکو آ. اسان پر چو نه ٿا سمجهون؟
119ـ ننڊ جو دوزخ ڇڏي. جاڳ جي جنت ۾ آ.
120ـ تون چو نه تو جُڳنو ڏسين؟
121ـ جتئن جتئن ساڙي سج. تتئن تتئن تاڻيون پنڌ ۾.
122ـ سِڌيون گوليون هٽائي ٿي.
123ـ جي سرواٽي سچي نڪري ـ
124ـ جيڪو جوڙي آجپو سو نه ڪڏهن مرندو
125ـ روشنيءَ جو آبشار. جاڳ جهرمر شاعري.
126ـ مان سزا جي دائرن ۾، ڪيترو ڦِرندو وتان
127ـ عقيدن نيٺ ڏنڌلايا، اسان جي جاڳَ جا سپنا!
128ـ لهندا ڪيئن زنجيرَ؟ ڪيئن وساريان بند ڪي!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

129 ـ وهنجو پيا ٽا ڪِير ۾، تہ بہ مير مان نڪرو نہ ٽا!
130 ـ ٻاٽ سان جهيڙي پئِس، روشنيءَ جي راهہ ۾
131 ـ سرويچَ! سجاڳيءَ جي، ساڃاهہَ وڃائي تو!
132 ـ ڏاڙهَي ويئو ڍِيل ڪي، جَرڳائِي جَنبورُ!
133 ـ رُڳو 'خاڪي ڪمپني، پٽلجي ٿي پيئي!
134 ـ سڀ ڪجهہ هُجڻ جي ٻوڙَ ۾
135 ـ سوچيو تہ سزائن جِي، ذلت ۾ گذاريون ٿا!
136 ـ ترخان تاتارِي ويا ـ تون ڪٿن رهندين اوپرا!؟
137 ـ جنهن وٽ ڪارو ڪُچُ ـ اُن ئي ماڻِي مِيڊِيا!
138 ـ آسِيس تہ ڪجهہ ايندي، ڪردارُ نئون آهي ـ


## غزل


141 ـ خاموشيءَ ۾ هلڪو ڪڙڪو ڳالهائي ٿو
142 ـ نيڻ ـ نهارون اڪِتي، ڇو نعرا ٽڪجي پيا!؟
143 ـ مرڪندي گذري وڃڻ، ڇا معنيٰ؟
144 ـ اڄا بہ اڄ، رڄَ، رات آهي
145 ـ زهر جو ڍڪ پي ويو هُئَم مرڪندي
146 ـ ڪا صدين جي اڄ آهي، آءُ نيڻن ۾
147 ـ منَ ۾ ٽاڪ تنهنجي نيڻن جا
148 ـ سانوري سوچي پئي: ڇا هي لٺو!؟
149 ـ روشنيءَ جو خواب ويو ڏنڌلائجي
150 ـ وقت توسان وفا ڪري ٿا ويون
151 ـ بي دليو ئي دل لڳيءَ جو جام ڏي
152 ـ تو کان سوا ڪنهن جام جي جنّت نٿي گهرجي
153 ـ نيٺ ڪهڙي پار ڏي ڪاهي بدن؟
154 ـ جنهن انا کي رکيو سجائي آ
155 ـ رات جون پوئيون گهڙيون ۽ سانت
156 ـ تون اسان کي ايئن مٺي! پلجي وئي آهين
157 ـ پُونءِ کي پاڪرُ پريو پاڳا نہ ٿيو
158 ـ چنبڊ ڏي ڪاهي تہ ڏي اجرو بدن
159 ـ ڪير پوڳي زندگيءَ تائين سفر
160 ـ تو چيو هو: "زندگي سنڀالجان"





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

161 ـ سانجهيءَ ٽاڻي نيڻ ٻرن ٿا
162 ـ مڌُ ڇلڪي ٿو ڏات جهومي ٿي
163 ـ هُن سوا سَرندي، نہ مون سوچيو هيو
164 ـ ساڻ آهين، ڇو گهٽي پوري ٿئي؟
165 ـ سوا پرينءَ جي جڏهن بہ گذري
166 ـ خواهشن جي ڊوڙ ۾ ڊُڪي سگهيس نہ مان
167 ـ ڄمي وئي جبر جي آمرُ بدن تي
168 ـ صحرا جهاڳي گهر لئہ پاڻيءَ لپَ ڪٽي آئي آ
169 ـ هِي نيڻ مون کي ڳوٺ کان آيل مسافر ٿا لڳن
170 ـ لانگ بوٽن کي ڪٽو، تارون ڪٽو ڪي گل رکو
171 ـ ڪا مرڪ، ٽهڪُ ڪونهي، ويرانُ ڳوٺ آهي
172 ـ هي ڪير آ مسافر، جيڪو پڇي نٿو
173 ـ وصل جي خواهش اندر
174 ـ روشن صبح جي آرزوءَ جو ڪول در
175 ـ معمول حياتيءَ جو گذري تہ غنيمت آ
176 ـ ڪا بہ ڪاري نہ آ، رات سپنو ڏٺو
177 ـ روشني طلبي نٿي، اونداهہ مان گذري وڃي ٿي
178 ـ بي رُخيءَ جو خيال پوڳي ٿو
179 ـ پروسي جو مزو چکي ڏسجي
180 ـ روز ٻرندڙ مامرن ۾ ڪٿن ٿو ماٺهو جلي
181 ـ پٺ تان اٿي اچو ويساهہ جوڙجي
182 ـ اي دردا قرب تنهنجا، جو ساٿ تو نڀايو
183 ـ نيڻ ڪينجهر هئا، چپ گلابي هئا
184 ـ سمنڊ جون لهرون، هوائون رقص ڪن ٿيون
185 ـ تنهنجي ڪارن وارن تائين پهتاسين
186 ـ قدم قدم تي گلاب رُت جا
187 ـ اڄُ، سُپان جا خواب پاڻيءَ ۾
188 ـ ساهہ بدران ٻوڏ کي رستو مليو
189 ـ دلدار ڏار ٿيندا، منٺار ڏار ٿيندا
190 ـ ياد جي ڇولي هَلي آئي هئي
191 ـ ڪيئن ڇنجي سيءَ ۾ ٽڙڪي نٿي
192 ـ عشق دل ۾، اکين ۾ شرم ٿي رکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



193 ـ سپنا سارا ڪوهيڙي ۾
194 ـ شام ڈاري تہ مان هليو ويندس
195 ـ روز ٿو پاڻ سان ملان ساڳيو
196 ـ اها وستي اجاڙي وئي
197 ـ نہ ڪنهن جي جهلَ تي بيٺا
198 ـ بي مزي يار ٿي ويا آهيون
199 ـ گل هئا، ماڪَ هئي، جيستائين ڏٺو
200 ـ ٿئي تنگ پيو گهيرو هر لاٽ اجهامي ٿي
201 ـ صبر جي آڳ ۾ آءُ جلندو رهان
202 ـ اي خدا! شور ڪي ڪا ڏي معنيٰ
203 ـ گهرايو ٿا نہ ڪي پيارا اچو ٿا
204 ـ جي هجي دل تہ دلبري بہ ڪجي
205 ـ ڇو مور رڙيا جاني!؟
206 ـ ڪا ٽٽل دل هئي ڏٺي، تارو ڏٺو
207 ـ گل سيج تي ڪئن ٻهڪندا
208 ـ رات ويهي ٿي رهي بس گهڙُ ڪري
209 ـ سڄي رات آڪاشُ ٻهہ ٻهہ ٻريو
210 ـ جڏهن رات ٿِي، ٻتِي ٻرِي آڪاس جي
211 ـ ڪهڙي منزل هئي، ڇا ارادو هئو
212 ـ جو ڪجهہ بہ ڪرڻ چاهيو سو ٿِي سگهيو نہ هوندو
213 ـ ٻيڙي جوانيءَ جي ٿَري ٿي موهہَ ۾
214 ـ اي خدا جا اناج
215 ـ صدين کان روح ويڳاڻو اوهان لئہ اشڪبار آهي
216 ـ وقت سان وِيرَ سان پيو الجِهي
217 ـ شهر جا آواز اڳ ڪارا نہ ها
218 ـ ڪنهن ڏکو ڏِنو تہ مان وري وري ڪِريس
2219 ـ جيءَ جهاڳيو جوڳ تائين
220 ـ ايڏي حياتي تنگ اڳ ڪاٿي هئي
221 ـ ڪاٺ جو ڇهرو اکيون پٿر رکي
222 ـ ڪنيي ويا سرخرو سپنا
223 ـ خنجر لڪائي ور ۾ هو ريل مان لٿا ها
224 ـ اجايو شور هو پٿّر هٿن ۾ ها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

225- معمول موجب زندگي گذري پئي
226- پٿر جون اکيون آهن
227- زندگي داٽي منجهان اڙجي وئي
228- رات الجهندي رهي وار وار سان
229- مان سزا جي نظر کان اوجهل هان
230- شام تائين اوهان نہ ساريندؤ
231- تو سوا هر فضا اوپري ٿي لڳي
232- نہ آٿتُ ڏئين ٿي نہ دلجاءِ تون!
233- هڪ نظر جو گلُ تو اڇليو ڪٿي
234- لڳندي ايامن کان رهي ڪارِي هوا
235- وحشي زماني سان اِڙي معصوم دل!
236- ڪجهہ بوند سان، هوا سان
237- هر خواب جي کولي دري ڇا ٿي ڏسين؟
238- جسمَ هو جسمَ ٿي آرو رکيو
239- زيتون جي ٽاري نہ هئي ڳيرو نہ هو
240- ڪجهہ لفظ ڪجهہ ٽانڊا ڪٿي بازار ۾ ويهي رهيو
241- حُسنُ تنهنجي حُسنَ تي حيران آهي
242- معمول جي ڳُن مان نٿو نڪران
243- ٽوٽ ڌرتي هئي، ذهنَ بنجر هئا
244- گناهن کان ثوابن کان مٿي سمجهو حياتيءَ کي
245- هر وقت ڪنهن گناهہ جي احساس ۾ رهڻ
246- گهٽو ٿي دل کي سمجهايم
247- جٺن چنڊ بيخود ٿي نديءَ تائين وڃي ٿو.
248- ميسٽي رات اُپي بيٺي آ
249- نہ هڪ ٿي سگهياسين نہ کي ڌار ٿياسين
250- پونءِ کان پت پکي ڪٿي اڇجو
251- برف جهڙي گهر سان بيٺي آ
252- سپ ڏسن ٿا تہ ٻري ٿو بنگلو
253- ڪپائي خيال کي مايا ڪٿي آيو
254- تتل صحرا پڇائڻ ڇا ضروري آ؟
255- ڇئجوس هوءَ هاٿي اُها ناهي رهي.
256- مون کي مٿي تي گهرجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سِٽن منجهہ سُهائو

ڪنهن نقاد چيو آهي تہ ”سٺي شاعري اسان جو ڌيان لهڻي“. پر ڇا رڳو شاعريءَ چوڻ سان، اهو مقصد پورو نٿو ٿئي؟! ڇاڪاڻ تہ شاعري يا تہ شاعري هوندي آهي، يا شاعري نہ هوندي آهي. هِتي سٺي شاعري، جيڪا اسان جو ڌيان لهڻي، مان مراد اُها شاعري آهي، جيڪا واقعي بہ شاعري هجي. ان کان سواءِ جيڪي بہ شاعريءَ جي نالي ۾ ٿي رهيو آهي، اهو اسان جو ڌيان نہ لهڻي ۽ ائين تڏهن ئي ٿي سگهندو جڏهن اسين سٺي شاعريءَ تي ڌيان ڏينداسين. انڪري سٺي شاعريءَ ڏانهن ڌيان سڀ کان پهرين شاعر کي خود ڏيڻ کپي. هُن کي اهو احساس هئڻ گهرجي تہ هُو هڪ انتهائي اهم ڪم سر انجام ڏئي رهيو آهي، جيڪو ڏاڍو اوکو آهي ۽ هڪ شاعر جو فرض آهي تہ ان کي سوکو ڪري پيش ڪري مثال طور سادگي، جيڪا شاعريءَ جي سونهن آهي، پر ان جو مطلب معنيٰ جي سادگي نہ آهي. سادگيءَ جو مطلب سادن لفظن ۽ ساڳئي وقت سهڻي پيرائي ۾ ڳُوڙهي ڳالهہ ڪرڻ آهي. ثبوت ۾ اياز جانيءَ جو هي شعر ڏئي سگهجي ٿو:

ڪنهن نہ سنڌوءَ کي ڪٽي ٽر ۾ رکيو،
وقت سنڌوءَ ۾ ويو آ ٽر رکي.

ان شعر ۾ ’سنڌو‘ ۽ ’ٽر‘ بہ پيرا آيو آهي ۽ ٻئي پيرا مختلف معنيٰ سان آيو آهي. اها ويساهہ گهاتي وقت جي فرض ڪئي وئي آهي. اها ويساهہ گهاتي سياستبازن ڪئي، انهن تاريخي غلطين، Blunders، غدارين... کي ڪڏهن تقدير، ڪڏهن خدا تہ ڪڏهن وقت تي اڇلايون ٿا !هڪ ٻئي غزل جي شعر ۾ ان سُياءَ کي وڌيڪ حقيقي طور ورتايو ويو آهي:

خود فريبيءَ ۾ ڪيو آهي اسان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ صديءَ کان ٻيءَ صدي تائين سفر.

شاعر جو اهو بہ هڪ بنيادي فرض آهي تہ هو سچ چٽي توڙي جو حالتون ڪٽي ڪيڏيون بہ ڏکيون ڇو نہ هجن ۽ ظاهر آهي تہ اهو سچ شاعر کي پهرين پنهنجو پاڻ کي چوڻ کپي. ان شعر ۾ 'اسان' محض وزن جي پورائي لاءِ نہ آيو آهي، بلڪ اُتي 'اسان' ۾ نہ رڳو شاعر پاڻ موجود آهي، بلڪ اسين سڀ موجود آهيون. هِتي اُهو سوال بہ اُٿي ٿو تہ اهو صدين کان خود فريبيءَ وارو سفر ڪٽي پورو بہ ٿيندو يا نہ؟ اهو اسان جي سوچ تي آهي تہ هڪ شاعر اسان کي انهيءَ خود فريبيءَ جو رڳو ڄاڻ ٿو ڏئي يا انهيءَ خود فريبيءَ مان جند ڇڏائڻ جي مت بہ ٿو ڏسي!

شاعر جڏهن بہ اندر جي اُڌمي کي، لفظن جي روپ ۾ ڍَني تي پلٽي ٿو تہ هو ائين ڪنهن هيئت (format) ۾ ڪري ٿو انڪري هيئت جي اهميت ان اُڌمي کان نہ گهٽ آهي نہ وڌ. بلڪ هڪ جيتري آهي. هيئت آڌار اسين پنهنجي سهوليت آهر، ان کي صنف جو نالو ڏيون ٿا. اياز جانيءَ جي شاعري جيڪا 'دراوڙ دل جي تنهائي' ۾ ڏني ويئي آهي، اُها وائي ۽ غزل جي صنفن ۾ آهي.

اياز جانيءَ جون وايون عروض تي بہ آهن تہ بنا عروض جي بہ. بنا عروض جي انڪري چيو اٿم تہ ڪي شاعر بيت کي بہ عروض تي ٿا ٺهڪائين: فعلن فعلن فاع، فعلن فعلن فاعلن (11+13=24 ماترائون، جيڪي سورٺي جون ماترائون آهن).

عزيز ڪنگرانيءَ تماهي 'مهراڻ' ۾ اهڙي دعوي ڪئي آهي! پر ان کان بہ اڳي قليچ اهڙي ڳالهہ 'سنڌي وياڪرڻ' ۾ ڪري چڪو آهي، پر قليچ اهڙي ڳالهہ ورهاڱي کان اڳ ڪئي هئي، جڏهن اڃا ڊاڪٽر خوبچند ياوناڻيءَ جي اهم تصنيف 'چند سڳند' نہ ڇپي هئي. اياز جانيءَ کي ماترڪ ڇند يا عروض جي ڪيتري ڄاڻ آهي، تہ اِن جي پرک جو واحد وسيلو سندس شاعري آهي.

شاعريءَ ۾ هُن اُن کي ڪيئن ورتايو آهي؟ اُن مان پتو پوي ٿو تہ هُن انهن کي نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪوشش ۾ هو شعوري/ لاشعوري طور ڪيتري قدر involveآهي؟ اهو ڏسڻو پوندو.

منهنجي راءِ ۾ پابند مقفيٰ شاعريءَ ۾ شاعر قافئي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳولا ۾ رهي ٿو ۽ جڏهن اهو ڪيس ملي ٿو ته، اُن جو طواف ڪرڻ لڳي ٿو ۽ ان کي اها به سمجهه نه ٿي رهي ته اجل، ڪجل سان وصل اجوڳ قافيو آهي.

لاشعوري طور اپريل اندر جي آدمي کي، لفظن جي روپ ۾ پَنَي تي پلٽيندي شعوري طور شاعر کي انهن لفظن تي هڪ تنقيدي نظر ضرور وجهڻ گهرجي. لفظ جي اصل يا سنڌي اُچار جو به مسئلو آهي، جيئن: "خَ / يا / ل" يا "خِيا / ل"!

اياز جانيءَ وائيءَ ۾ جيڪي تجربا ڪيا آهن، انهن جو اڄڪلهه جي وائين ۾ ڪهڙو پد آهي ؟ لفظ / ٻولي، هيئت، خيال، عروض، ڇند، سُر، قافئي جو سٽاءُ، رديف جو نياءُ ـ اهي سڀ اياز جانيءَ جي وائين بابت مختلف موضوع ٿي سگهن ٿا، پر اهو سڀ تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو، جڏهن ان ڏِس ۾ لاڳيتو لکيو وڃي. ان لاءِ وري لاڳيتو پڙهڻ به لازمي آهي. شاعر جو لکيو به ته ان تي جيڪو لکيو وڃي اهو به في الحال ان جو ڪو به امڪان نه آهي. ان ڪري مهاڳ ۾ ان ڏِس ۾ سڀ ڪجهه نه سهي، ڪجهه نه ڪجهه لکڻ ۾ ڪو اهم به نه آهي. اچو ته اسان جي جُڳ جي هڪ سورمي، جهونجهار ۽ عظيم انسان نيلسن منڊيلا کي پيش ڪيل هيءَ وائي پڙهون:

هر جُڳ ۾ جهونجهار ڪا، واڪا ٿي ورندو ـ
منڊيلا مرڻو نه آ.

اسان جي جُڳ جي امر ڪردار نيلسن منڊيلا کي، جنهن پنهنجي قوم جي ڳچيءَ مان غلاميءَ جو ڳٽ لاهي ڦٽو ڪيو پيش ڪيل سٽون به امر بڻجي ويون آهن يا نه، سوال اهو نه آهي، پر نيلسن منڊيلا تي، جنهن جو نالو هر هنڌ عزت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو، سنڌي شاعريءَ ۾ مون اُهي پهريون سٽون پڙهيون آهن، ٿي سگهي ٿو ٻيو به ڪجهه لکيو ويو هجي، پر مون کي ياد نه ٿو اچي.

اياز جانيءَ جون وايون عروض تي به آهن، ته بنا عروض جي به، جڏهن مان ائين چوان ٿو ڪنهن شاعر لاءِ ته، مون کي خبر نه آهي ته هن کي ماترڪ ڇند جي ڪيتري ڄاڻ آهي، تڏهن ان جو هڪڙو ڪارڻ خود سنڌس شاعري هوندي آهي. بنا عروضي وائين ۾ به احذاف عروضي اصول تي ڪيل هوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ ماترڪ ڇند واريون variations نہ هونديون آهن. بلڪ سچ تہ اهو آهي تہ ماترڪ ڇند، جيڪو سُر تي آڌارڪ آهي، ڪي بہ عروض وانگر ڪتب آڻين ٿا. جيئن مٿي مان عزيز ڪنگراڻيءَ جي راءِ ڏئي آيو آهيان. ساڳئي وقت عروض ڪي بہ لَس ڪتب آندو ٿو وڃي، اُن ۾ بہ جيڪي variations آهن، انهن ڪان اڻجاڻ هوندا آهن. انڪري شعر جي فطري رواني‌ءَ ڪي هاڃو رَسي ٿو. ماترڪ ڇند سُر تي ۽ عروض رڪنن تي آڌارڪ آهي. ماترڪ ڇند ۾ سُر حذف ٿئي ٿو يا اڌ ڇٽو اُچار ڪجي ٿو. عروض ۾ حرف علت حذف ڪجي ٿو. پر ڪجھ مشترڪ سُر اهڙا بہ آهن، جيڪي ٻنهي ڇند - عروض ۾ اِڃي سگهجن ٿا. چاڪاڻ تہ خود ٻوليءَ ۾ بہ انهن لفظن جي اهڙي سُر جو ڇٽو ۽ اڌ ڇٽو اُچار موجود آهي، جيئن لفظ آهي 'اڪيون'. جنهن جو ڇٽو اُچار 'اڪ / يُون' آهي، پر 'ي' جي سُر جي اڌ ڇٽي اُچار سان 'آ / ڪيون' آهي. ڊاڪٽر بلوچ ان کي سميٽيل آواز ٿو چئي ۽ عروض جي 'فعو' ۾ ليکي ٿو ماترائن ۾ نہ ٿو ڳڻي! شاهوالي تہ 'شاهہ جو رسالو' ۾ ان کي لکي ٿي 'اکن' ٿو جڏهن تہ 'اڪيون' کي 'اکون' نہ 'اڪيون' ٿو لکي . توڙي جو ان ۾ بہ 'ي' جو اڌ ڇٽو اُچار آهي. جيئن هن ڳاج ۾ ڪتب آيل آهي:

اڪيون ادل جون ٻرن مشالا، ڪجل جوڙ ٻٽايو

اياز جاني‌ءَ جي هڪ وائيءَ ۾ بہ اهي ٻئي لفظ : اکين ۽ ڪجل - آيل آهن اتفاق سان:

اکين جي نير ساگر ۾، ڪجل جو شور آهي ۽ -
اڪيلائي مسافر جي.

ان ۾ 'اکين' (مُفا) ائين ڪتب آيل آهي، جئين ڳاج ۾ 'اڪيون' ('ي' جي اڌ ڇٽي اُچار سان). ٻنهي : ڳاج ۽ وائيءَ ۾ ڀي ڪهڙي سمانتا آهي؟ اڪيون / اکين ۽ ڪجل ڪان سواءِ؟ ڪا بہ نہ بلڪ تضاد آهن. ڳاج ۾ "اڪين ۾مشالا ٿا ٻرن"تہ وائي ۾: "اکيون نير ساگر"آهن. ڳاج ۾ "ڪجل جوڙ ٻٽايو" آهي تہ وائيءَ ۾ "ڪجل شور مچايو "آهي. مکيہ ڳالھ اها تہ ڳاج سُر ۾ چيل آهي ۽ وائي عروضي هيئت ۾ لکيل آهي. وائيءَ ۾ اجل، ازل، ڪجل قافيا آهن ۽ "جو شور آهي ۽" رديف . انهن ٽنهي لفظن جي ٽنهي اکرن تي زبر جي حرڪت آهي. ان ۾ "وصل" بہ قافيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ان کي ڪيئن اُچاريو؟ وَصَلَ!
ڪنهن به صنف جو لکتي روپ اهڙو هئڻ کپي جيڪو اکين کي
به سهڻو لڳي:

پنهنجو پنڌ پري-
اُپ ته آهي اورتي.
هلندو رهجي هيج مان، اکيون پيير ڪري-
اپ ته آهي اورتي.

سيني وصفين سني وائي آهي. اياز جانيءَ وٽ وائيءَ جو هي
لکتي روپ به آهي جيڪو سجوڳو به آهي:

عشق جي بي انت ساگر جو ڪٿي آهي ڪنارو-
ڪير تو ڄاتي سگهي!

**

شاعريءَ جي روح ۾ الهام جو ڏيئو ٻري ٿو-
شام جو ڏيئو ٻري ٿو.

ان مان اياز جانيءَ جي شاعريءَ بابت، نظرئي جي به ڄاڻ پوي ٿي. شاعري، روح، الهام، ڏيئو، شام... اهي سڀ اصطلاحي معنيٰ ڪان به اڳتي جي معنيٰ ۾ آيل آهن. ڏيئو ٻرندو ناهي، ٻاريو آهي، پر هي الهام جو ڏيئو آهي، جيڪو پاڻ ڄاڻ ٻري ٿو ۽ سو به شام جو. ائين الهام جو وقت به مقرر آهي: شام ڪان پوءِ ٿيڻ تائين. ان عرصي ۾ ئي شاعري تخليق ٿئي ٿي. جڏهن سارو جڳ ننڊ ڪري ٿو تڏهن شاعر جاڳي رهي ٿو. لفظن جي لاٽ اجاگر ڪري ٿو ۽ سٽن منجهه سُهائو اوتي ٿو. اصل ۾ اها پاڻ ٻاري روشني ڪرڻ واري پڙ آهي، جيڪا هر شاعر ڪي پارٽي آهي. هڪ ٻيءَ وائيءَ ۾ اياز جاني ڏيئڙي سان هيئن مخاطب آهي:

ٻاٽ ۾ گهر منهنجو ئي ناهي، ٻاٽ سجهوئي ٿر-
او ڏيئرا تون اجان ٻي ٻر!
نيڻ ته پو به کُليل ئي رهندا، بند ڪيا جي در-
او ڏيئڙا تون اجان ٻي ٻر!

ڏيئو/ ڏيئڙا جو ذڪر/ فڪر اياز جانيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي آهي ۽ ڏيئو/ ڏيئڙو روشنيءَ جو اهڃاڻ آهي ۽ ان جو تضاد ٻاٽ/ اونداهه به ان سان گڏ آهي. هڪ ٻي وائيءَ ۾ ڏيئڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻاڻ جو ذڪر ان جي ٽل ۽ ورائي ۾ هيئن آيو آهي:
جيئڙا ڏيئڙا ٻر-

گهر گهر گهريءَ ٻاڻ ٻر.
ڪاري ڏامر روڊ جيئن، خاموشيءَ ٻر تر-
گهر گهر گهريءَ ٻاڻ ٻر.

نه رڳو گهر گهر گهريءَ ٻاڻ آهي، پر سچي تر ٻر ڪاري ڏامر جي روڊ جهڙي خاموشي به آهي! ائين سنڌ جي موجوده صورتحال اسان جي آڏو آندي وئي آهي. گهري ٻاڻ ۽ ڪاري ڏامر روڊ جهڙي خاموشيءَ ۾ روشنيءَ جو اهڃاڻ ڏيئڙو آهي ۽ اهو سچو بيان هڪ شاعر تو ڪري، پر روشني ته اونده ڪي ٽڙي تي ۽ خاموشيءَ کي آواز ٽوڙي ٿو ان جو آخري سٽن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي:

گهر گهر نعرا گونجندا، جيئڻ ڪارڻ مر-
گهر گهر گهريءَ ٻاڻ ٻر.

اياز جاني گهر گهر ۾ جنهن نعري گونجڻ جي اڳڪٿي تو ڪري اهو آهي "جيئڻ ڪارڻ مرڻ" جو. جيڪو ضد آهي "مرڻ ڪارڻ جيئڻ" جو. شاهه سائينءَ جي هن سٽ سان ان جو ڪهڙو سنبنڌ آهي؟

مري جيءَ، ته ماڻيين، جانب جو جمال.

پر اُهو ته تصوف جو نُڪتو آهي! جانب جي جمال ماڻڻ لاءِ موت به حيات آهي. ان بيت جي ٻي سٽ آهي:

ٿئين هوند حلال، جي پِند اهائي پاريين!

ٻيءَ سٽ ۾ پِند (نصيحت) ٻڌڻ جي نه، پر پارڻ/عمل جي لاءِ چيو ويو آهي، جي نه ته پوءِ مردار ٿي ويجبو. جانب جو جمال ماڻڻ، هڪ اعليٰ مقصد ماڻڻ آهي. اياز جانيءَ جي وائيءَ جي آخري سٽن ۾ اڳڪٿي/ سَڏ آهي نعرن گونجڻ جي. گهر گهر ۾ ائين ايڪي سان ٿي ٿيندو جيڪو هن پوتارڪي سماج ۾ ناممڪن نه، ته مشڪل ضرور آهي. اهو به ڌيان ۾ رهي ته وائيءَ ۾ ورائي انتهائي اهميت رکي ٿي. اها نه رڳو ٽل سان بلڪ مصرعن سان به جڙيل هئڻ کپي ۽ مجموعي اثر انگيزيءَ کي به وڌائي. هاڻوڪي عروضي وائي يا غير عروضي وائي مردف به آهي (هاڻي ته بيت به مردف لکجن ٿا). اياز جانيءَ وٽ به اهڙين واين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تقليد آهي:

اُجالي جي تمنا جو قلم اتهاس ۾ رکجي-

جنم اتهاس ۾ رکجي.

بغاوت کي لکي چمندي، قلم اتهاس ۾ رکجي-

جنم اتهاس ۾ رکجي.

يا :

ڏينهن جهڙي ڇوکري،

راڄ مان نڪري وئي.

ڏسجي ٿه مٿين سٽ جو پهريون لفظ قافيو آهي، باقي رديف. بيت ۽ غزل ۾ به ائين ٿي ويو آهي. اها مشڪل پسندي آهي يا سهل پسندي؟

آزاديءَ جي تند -

ڪو به تنواري ڪو نه ٿو!

ان وائيءَ جون آخري سٽون ڏٺي، پوءِ "تندُ"، جيڪو قافيو پڻ آهي، تي ڳالهائيندس :

هر ڪنهن جهليو جهولَ ۾، غلاميءَ جو گند-

آزاديءَ جي تند-

ڪو به تنواري ڪو نه ٿو!

بند، گند ان وائيءَ ۾ قافيا آهن، جيڪي مذڪر آهن، جڏهن ته "تندِ" مونث آهي. ان جي آخري اکر تي پيش ڏيڻ سان هو مذڪر ڪو نه ٿيندو! تند جو جمع تندون ٿيندو پر جڏهن "تلوارُن، "، "ديوارُن " جهڙن قافين سان، جيڪي مونث جمع آهن "هٿيارن" قافيو جيڪو مذڪر جمع آهي، نه رڳو آندو ويجي ٿو پر quote به ڪيو وڃي ٿو ته پوءِ ويچاريءَ "تندُ" ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. "تلوار" جو جمع تلوارون ۽ "ديوار" جو جمع ديوارون ٿيندو پر "هٿيار" جو جمع "هٿيارون" ڪو نه ٿيندو .هٿيارَ" ٿيندو. اصل ۾ اهي ٻوليءَ توڙي شاعريءَ جون basicsآهن، جيڪي شاعريءَ جي اوڄي لاءِ تاڃي پيٽو آهن.

اهو به ياد رکڻ گهرجي ته جيئن انسانِ مذهب، ڌرم لاءِ نه، پر مذهب ۽ ڌرم انسان لاءِ آهن، بلڪل اُئين لفظ ڇند يا سُر لاءِ نه، پر وزن، ڇند يا سُر لفظ لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته انسان پهرين آهي ۽ ڌرم يا مذهب پوءِ آهي. اُن ريت لفظ پهرين آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وزن، ڇند، meter يا سُر پوءِ آهي. 'لفظ' جو وڏي ۾ وڏو پارکو شاعر آهي. انڪري خود هن جي پرک به لفظ جي صحيح اُچار ۽ واهپي تي آهي ۽ ائين ئي 'لفظ' کي معنيٰ ملي ٿي. جيڪا شاعر ان کي عطا ڪري ٿو ۽ معنيٰ ئي لفظ جو جوهر آهي. ان ڏِس ۾ هڪ شاعر کي سچيت رهڻ کپي. ڇاڪاڻ ته هن جي بنيادي ذميواري ٻوليءَ ڏانهن آهي. جنهن ۾ هو پنهنجا جذبا، احساس، اُڌما، ڪيفيتون ۽ ويچار پيش ڪري ٿو. خاص ڪري اياز جانيءَ جهڙي شاعر کان ان معاملي ۾ توقعات به ڪجهه وڌيڪ هونديون آهن :

اينڊي آزادي-

يا بس هي ڪو خواب آ ؟

جڏهن ته خود اياز جانيءَ چواڻي: "هر ڪنهن جهليو جهول ۾، غلاميءَ جو گند"، تڏهن ڇا آزاديءَ جو خواب به نه ڏسجي ؟ پر اياز جاني ان وائيءَ جي وراڻيءَ ۾ سوال ڪري ٿو: "يا بس هي ڪو خواب آ ؟" هِتي اُهو سوال به ڪري سگهجي ٿو ته "اهو غلامي جو گند، جيڪو هر ڪنهن پنهنجي جهول ۾ جهليو آهي، اُهو گند هر ڪنهن جي جهول ۾ پاتو ڪنهن آهي؟" اهي تاريخي سچائيون آهن، جيڪي ڪتابن ۾ درج آهن. اُهي اُتي پاڻ پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ کپن.

وائي لکندڙ شاعر کي ڪلاسيڪي ۽ نيمڪلاسيڪل وائيءَ جو گهرو اڀياس ڪرڻ جڳائي. وائيءَ جي هر مصرع سهڻي هئڻ گهرجي. سٺي شيءِ جي تقليد عيب نه آهي، اندي تقليد عيب آهي، جنهن کان پاسو ڪرڻ کپي. ان ڏس ۾ اياز جانيءَ جي هيءَ وائي ڏيان ٿو. جيڪا سيني پارين سهڻي آهي. اُن جي وراڻي هر مصرع سان جڙيل آهي ۽ اثرانگيزيءَ کي هٿي ڏئي ٿي:

گُجُ گُجر پائي-

جَرڪي پيئي ڪاچ ۾!

ويڙهو ويڙهي ٻاچ ۾ پٽئي ٿي ڦيرائي-

جرڪي پئي ٿي ڪاچ ۾

جيڏين سان جهمريون وجهي، جيڏا جهومائي-

جرڪي پئي ٿي ڪاچ ۾

مرڪ وکيري موهه مان، هينئڙا هرڪائي-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جرڪي پئي ٿي ڪاچ ۾

اها وائي بہ اياز جانيءَ جي واين جي سٽ ۾ ائين جرڪي پيئي آهي، جئين گج گجرِ پائي، ڪاچ ۾ جرڪي پيئي آهي!

اياز جانيءَ جي شاعريءَ جي اُن رنگ تي، جنهن ۾ غلامي ۽ آزادي ـ موضوع آهي، گهڻو ڪجهه لکيو هئم. اُن ۾ ورهاڱي کان اڳي ۽ پوءِ واري انڌي ۽ اونڌي سياست تي بہ بحث ڪيو هو. ورهاڱي کان اڳي جنهن اسان کي انڌي اوڙاهہ ۾ اڇليو اُن مان اسان جڏهن بہ نڪرڻ جي ڪوشش، تڏهن سياستبازن لَتون هڻي، اسان کي هر پيري وري بہ انڌي اوڙاهہ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو! اديبن، شاعرن ۽ عالمن جي هلايل سنڌي ٻوليءَ جي حقن لاءِ بحاليءَ واري تحريڪ ان جو ثبوت آهي، جنهن کي پوءِ سياست injectڪري تباهہ ڪيو ويو پر پوءِ اياز جانيءَ جي غزل جو هڪ شعر سامهون اچي ويو جنهن جي مصرعي اولي ۾ شاعريءَ بابت هن پنهنجو نڪتئہ نظر پيش ڪيو آهي، مصرع ثانيءَ ۾ انڌي اونڌي سياست تي ڦٽڪار وڌي آهي. شاعري ٽبڪي کي ڪائنات تائين ڦهلائڻ ۽ ڪائنات کي ٽبڪي ۾ سمائڻ جو هنر آهي. جنهن موضوع ـ غلامي، آزادي ۽ سياست ـ جو مٿي مون ذڪر ڪيو آهي، ان تي ٿيسز لکي سگهجن ٿيون. ان وستار جو تَتُ غزل جي هڪ مصرع ۾ هڪيو ڪيو ويو آهي، انڪري انڌي اونڌي سياست تي پنهنجو لکيو رد ڪرڻو پيو:

ڪوتا مان خوشبوءِ اچي ٿي ڪيڏي خوداري جي،
۽ بدڪار سياست ڪيڏي ڏپ ڪٽي آئي آ!

اُن غزل جي مطلع ۾، سڃي ٿر جي پياس پاڻياريءَ جي پياسن چپن ۾ محسوس ڪري سگهجي ٿي:

صحرا جهاڳي گهر لئہ پاڻيءَ لپ ڪٽي آئي آ،
پاڻياري پر پنهنجا پياسا چپ ڪٽي آئي آ!

اسين اڄ بہ روايتي ۽ غير روايتيءَ جي چڪر ۾ ڦاٿل آهيون. ڇا درد ۽ لڙڪ بہ روايتي ۽ غير روايتي ٿيندا آهن! هي غزل اياز جانيءَ پنهنجي معصوم پٽ حسين اياز جي وڇوڙي تي لکيو آهي. هڪ شاعر کي ڪهڙن صدمن ۽ سانحن مان لنگهڻو ٿو پئي؟ شاهہ سائينءَ هي بيت ڪهڙيءَ ڪيفيت ۾ چيو آهي؟

ڪنهن پر روئان پرينءَ کي، روئي نہ ڄاڻان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا سرابن جو رڻ جھاڳيو رهيو ٺياسن تي روح ساڳيو
سدا اُجارن تي اُڃ اُلري، سڄي حياتي اداس گذري!

غزل جي هر شعر جي مصرع اوليٰ ۾ ٻنو قافيو آهي: جاڳ، آڳ / جھاڳيو ساڳيو/ پنهنجو جنهن جو. ان جو ٻن رڪنن تي ٻڌل ردیف آهي جنهن جو آخري لفظ "گذري" آهي، جيڪو وري ٽڙ قافئي (اُبري، الري، اجري، اڏري) سان هم قافيا آهي:

ڪڏهن جُدائيءَ جي جاڳ ساڙيو ڪڏهن اميدن جي آڳ
ساڙيو نہ ڏينهن نہ جهوميو نہ رات اُجري، سڄي حياتي
اداس گذري،

زمين جنهن کي ڪيو نہ پنهنجو نہ آسمان هو نصيب جنهن
جو نہ پنڌ ممڪن هئو نہ اُڏري، سڄي حياتي اداس
گذري،

توڙي جو اُن ۾ اداسيءَ جي ڪيفيت بيان ڪيل آهي، پر تي سگهي ٿو تہ ڪو اُن تي مايوسيءَ جو ٺپو هڻي. توڙي جو اهو سڀ ڪجهہ ذاتي حوالي سان ٿي چيو ويو هجي، پر اُن جو ڦهلاءُ 'سڄي حياتي' تائين آهي. ڇا حياتيءَ جو الميو اهو نہ آهي تہ ان جي پڇاڙي 'موت' تي ٿئي ٿي ! ڇا 'اجارن تي اُڃ جو الرڻ' محض تجنيس حرفي آهي ؟ ۽ بس ! يا 'سنڌو' ۽ ان سان واڳيل 'جيوت' جو نوحو آهي ! "سدا" لفظ اڪٽ سمئہ جو - آرين کان انگريزن ۽ هاڻ - تائين جو استعارو بڻجي ٿو وڃي، ڏينهن رات بہ اڪٽ سمئہ جي ڳُل جو جُز آهن، پر اهي بہ نہ جهومندڙ آهن، نہ ئي اُجريل ! هن شعر کي صرف محسوس ئي ڪري سگهجي ٿو ان جي وياکياڻ نہ ٿي ڪري سگهجي :

دل ڪڏي ڪانون اڳيان اڇلائجي،
هيءَ هاڻي پيار لاءِ ڌڙڪي نہ ٿي.

غلامي، آزادي، نعرن جهنڊن... جي موضوع تي اياز جانيءَ کان سندس سياسي نظريئي بابت پڇيم - ڪو بہ شاعر سياسي نظريو رکي سگهي ٿو. ان جو شاعريءَ ۾ پرچار بہ ڪري سگهجي ٿو پر ائين هو پاڻ کي محدود ڪري ٿو. ان ڏِس ۾ هن سان اختلاف بہ ڪري سگهجي ٿو. ڌرمي/ مذهبي نظرين سان بہ ساڳيو اصول لاڳو آهي. اياز جاني ڪنهن بہ اهڙي مجهول نظرئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سگهي نعريبازيءَ ۾ ڍڪيل نہ آهي. هونئن بہ شاعري بذاتِ خود هڪ نظريو آهي. وطن دوستي ۽ انسان دوستي شاعر جي خمير ۾ هوندي آهي، تڏهن ئي هو هڙو شعر چئي سگهندو آهي:

ڪو بہ دودو بلاول نہ هوشو هئو
سپ چنيسر هئا، جيڪي رهبر هئا!

اياز جانيءَ جو هي شعر بنا ڪنهن ٽيڪا ٽپڻيءَ جي:

مهڪ تنهنجي هجڻ سان هئي هال ۾،
تون وئينءَ هر ڪلا اوپري ٿي لڳي.

غزل گو شاعر کي ڪلاسيڪل ۽ روايتي غزل جو مطالعو بہ ڪرڻ کپي. غزل سان تغزل بہ سلهاڙيل آهي: نازڪ خيالي، نڪتہ طرازي، اشارو ڪنايو رمز مامَر- حميد شهيد هالائي، جيڪو پاڻ بہ بنيادي طور غزل جو شاعر آهي، تغزل کي مجموعي شاعريءَ سان لاڳو ڪري ٿو پر ڪجهہ ڳڻ، رڳو غزل لاءِ مخصوص آهن، جيئن ان جو هر شعر مختلف موضوع تي هجڻ. ان ڳڻ کي ڪي اوڳڻ ليکن ٿا. سنڌ (بلڪ دنيا) جي شعري روايت ان جي ابتڙ آهي، انڪري اسان وٽ غزل جا بہ مختلف روپ ملن ٿا، مثلاً: مسلسل غزل، ڪافي نما غزل، جيئن "سچل" وٽ آهي:

ثابت "سچل" سچاري، يارن جي ياد ياري،
وحدت جنين وساري، تَنِ تَنَ مٿي اٿاسي.

يا جيئن "مفتون" همايونيءَ وٽ آهي:

تنهنجي ابرو تيغ شهيد ڪيا، ڪئين ناز مزيد مريد ڪيا،
ري نالي ديد خريد ڪيا، سلطان هزارين مان نہ رڳو.

اياز جانيءَ وٽ مسلسل غزل بہ آهن، جيئن سنڌس پٽ حسين اياز جي وڇوڙي تي لکيل غزل يا "هو ريل مان لَٿا ها" رديف وارو غزل يا هي غزل:

ايڏي حياتي تنگ اڳ ڪاڻي هئي،
هر پل اداسي سنگ اڳ ڪاڻي هئي.
پرچاءُ تي پوندو هئو هڪ مرڪ سان،
هنءَ جيءَ سان يرَ جنگ اڳ ڪاڻي هئي.
ڪي نيڻ ها، ڪي زلف ها، ڪي چپ ها،
هيءَ زندگي بي رنگ اڳ ڪاڻي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ۾ مطلع ۽ ٻہ شعر آهن. غالب جو اهڙو هڪ شاهڪار غزل آهي، جنهن ۾ مطلع هڪ شعر ۽ مقطع آهي:

هئي مُدت ڪي غالب مرگيا پر ياد آتا هي،
وہ هر اڪ بات پر ڪهنا ڪي يون هوتا توڪيا هوتا!

غزل ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج شعر هجڻ لازمي نہ آهي، لازمي صرف فطري رچاءُ آهي، جيئن مٿين غزل ۾ آهي. هڪ زندگيءَ (ماضي) کان پري، تہ هڪ زندگيءَ (حال) جي اوڏو/ آڏو. رنگ کان بي رنگ ۾ پرچاءُ (مرڪ سان) کان جنگ (جيءَ سان) تائين!

اچو تہ اياز جانيءَ جا هي شعر پڙهون. هن وٽ ڏات جا هي ٻہ روپ آهن:

ڪڏهن تہ آهي پيها ٻہ رکندي،
ڪڏهن ڏنگيندي ٻہ ڏات آهي.

پهو ٻاهرين زخمن تي رکبو آهي، جيڪي ظاهر هوندا آهن ۽ نظر ايندا آهن. پر ڇا اسان ڪڏهن مرڪ جي پٺيان لڙڪ ٻہ ڏٺا آهن! اهي پيتل لُڙڪ شاعر لفظن جي روپ ۾ پني تي روئندو آهي:

روز تو پاڻ سان ملان آئون،
لڙڪ پاسي ڪري کِلان آئون.

جيئن زندگي مختلف تجرباتي مرحلن مان گذري ٿي، تيئن شاعري بہ گذري ٿي. زندگي بہ هڪڙو پيرو ملي ٿي، شاعري بہ هڪڙو پيرو ٿئي ٿي. جيئن تجربي جي آڌار تي زندگيءَ کي بهتر کان بهتر بنائي سگهجي ٿو. تيئن شاعريءَ کي بہ بهتر کان بهتر بنائي سگهجي ٿو. هڪ شاعر لاءِ اهي سکڻ ۽ پرائڻ جا مرحلا آهن. ورجاءُ، جمود ۽ زوال کان بچڻ ۽ شاعريءَ جي بهتر مستقبل جو سڄو دارومدار اُن تي آهي تہ هو ڪيڏي چاهہ ۽ اتساهہ سان اهي مرحلا طيءِ ڪري ٿو. اياز جانيءَ جو هي شعر منهنجي اُن ڳالهہ کي شايد ڳڻ جهڙو ڪري سگهي:

هڪ گهٽي اُن ۾ ٻہ هئي سنڌوءَ جيان،
شهرُ جيڪو سمنڊ جيان کارو ڏٺو!

**- امداد حسيني**

ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعريءَ جو طلسم

شاعري دنيا کي نواڻ بخشي ٿي. دنيا تي ڪو وقت هيو جڏهن انسانن کي گل، ٻوٽا، پوپٽ، پهاڙ آبشار نديون، سمنڊ، چنڊ ۽ ستارا نظر ته ايندا هيا، پر انهن جي سونهن کان ناواقف هيو- پوءِ شاعر پيدا ٿيو جنهن جي اک پهريون دفعو ڪائنات جا نظارا ڏٺا، رنگن، خوشبوءِ، چانڊوڪي، نيڻن، زلفن ۽ چپڙن کي محسوس ڪيو. سونهن جي وضاحت ڪئي ۽ حسن جي وصف لکي. انسان جڏهن دنيا کي نئين ڍنگ سان ڏٺو ته سندس زندگي قابل قبول ٿي پئي.

ڪائنات شاعر جي اکين مان ٺهيل آهي جانور جي اک ڪائنات کي ڪيئن ڏسي ٿي؟ چون ٿا جانور جي اکين ۾ رنگ ئي ڪو نه آهين؟ گدڙ کي گلابن جي ڪهڙي خبر هوندي؟ چيتو چنبيليءَ کي محسوس ڪري ها ته ٻڪ مري ها! ڇا چڪور چنڊ جو عاشق آهي؟ ڇا پتنگ پر ان لاءِ ساڙيندا آهن ته کين لاٽ سان عقيدت آهي؟ ڇا ٻه هجي زندگي ڏکي آهي. شاعر ان کي آسان بنائڻ لاءِ سانگ رچائي دل وندرائي ٿو. هو بي معنيٰ کي معنادار بنائڻ لاءِ ۽ اڻهوند Nothingness کي ڳولهي، ان کي هيئت Form ڏئي ٿو. جستجو صحرا ۾ هرڻ جي ڊوڙ آهي. فطرت زندگيءَ کي ان قابل بنائي ٿي، جو اها رڄ سان اڃ اجهائي برقرار رهي ٿي:

جاڳ پڙڪا ٿي ڏئي، مان سڙان ٿو هنڌ ۾-
آءٌ اهو ئي پنڌ ۾

اياز جانيءَ جي وائيءَ جون اهي سٽون ڏسو، توهان محسوس ڪندا ته ڪيئن شاعر تصور کي بدلائي وجهي ٿو. جيڪڏهن سادن لفظن ۾ ان منظر کي بيان ڪجي ته ايئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئبو هڪ اوجاڳي جو ماريل هنڌ ۾ ستل آهي. پر شاعريءَ جو ڪمال ڏسو اها منظر بدلائي ڇڏي ٿي.

شاعري فطرت جي رنگن کي ڦِٽڻ نٿي ڏئي، اها فطرت جي ڪئنواس ڪشادو ڪري ٿي. لفظن کي ذائقو ڏئي ٿي، ان حد تائين جو اچارڻ وقت سواد زبان تي محسوس ڪيون ٿا. شاعر وهم کي حقيقت جو روپ ڏئي ٿو.

اياز جاني شاعريءَ جو جادوگر آهي. هو ڪنڊو ڪٽي گلاب ۾ بدلائي وجهي ٿو. هن جو طلسم طاري ٿئي ٿو ته منظر بدلجي پون ٿا. هن جي گهڻ رخي فانوس Phantasmagoria جي عڪس ۾ هر لمحي نوان روپ بدلجن ٿا. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ڪائنات جادو آهي ۽ ان جي جادوءَ کي برقرار رکڻ ۾ ئي نجات آهي، چاڪاڻ تہ جڏهن جادوءَ جو راز کلندو آهي تہ جادوگر جي حيثيت صفا ٽري سان وڃي لڳندي آهي. جڏهن پرولي پڇندي آهي تہ ڪل ايندي آهي ۽ سوچيندا آهيون: ”ڇا ڳالهہ؟ ڇا ڳالهہ جا وڪڙ!

رات جو ڇرڪي اٿي، ننڊ مان ڇيم-
در تہ ڪڙڪي ڪو نہ ٿو.
جا هئي پر ۾ ستل، تنهن کان پڇيم-
در تہ ڪڙڪي ڪو نہ ٿو.
ڇو اجايو ٿو ڪرين پيو ٿون وهم-
در تہ ڪڙڪي ڪو نہ ٿو.
پوءِ شايد خواب ۾ سڏ ڪو ٻڌم-
در تہ ڪڙڪي ڪو نہ ٿو.

هنن لفظن ذريعي جنهن شخص جي شاعريءَ جو تعارف ڪرائي رهيو آهيان، يقين سان ٿو چوان تہ اهو سنڌي شاعريءَ جو قداور نانءُ آهي. هن جي شاعري حيرت ۾ وجهندڙ آهي. هن جا ويچار اڻ ڏٺل ذرن جو وهڪرو Effluvium آهن، جيڪي ٻاڦ جيان ايري مختلف شڪليون ناهن ٿا. هو شاعري ڪندي وهمن Illusions کي پريشان ڪري ڇڏي ٿو. هو اهڙو گمان انگيز Hallucinate آهي جو آئيني اندر بيهي ٻاهر عڪس ڏسي ٿو. هن وٽ پاڇن جو شهر آهي، جنهن ۾ سچ لٽي کانپوءِ روڊ رستا ۽ گهٽيون ظاهر ٿين ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي شاعريءَ ۾ مون ايڏي Obsessional وائي نہ پڙهي آهي. هن وٽ انتظار ۽ Uncertainty جو مليل تاثر وهم، خدشي ۽ ڪجهہ ٿي پوڻ جي خوف ۾ بہ بيقرار نظر اچي ٿو:

"ڪو بہ رستو نہ آ" ٿي مسافر چيو.

پوءِ ڪاڏي ويو.

"ڪوڙ رشتا ڪٺي مون سجائي رکيا،

ڪو بہ سپنو نہ آ" ٿي مسافر چيو.

پوءِ ڪاڏي ويو.

"بي حسيءَ جي ڏکي رات سان آجپو

ڪو بہ لمحو نہ آ" ٿي مسافر چيو.

پوءِ ڪاڏي ويو.

اڪيلائيءَ جو بهترين علاج پاڻ سان گفتگو آهي.

وڏن شهرن ۾ وقت ننڍو ٿي ويو آهي. عمارتن وچ ۾ اسين قيد ٿي چڪا آهيون. ڪمري جون چار پتيون گڏ آهن. وچ ۾ انسان اڪيلو آهي، جنهن پاڻ کي ڳولهي لڌو ان اڪيلائين کي شڪست ڏني. پاڻ سان دوستيءَ کان پوءِ گفتگو خود ڪلاميءَ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

مٿين وائي پڙهڻ کان پوءِ عجب، حيرت، افسوس ۽ وڃائجي وڃڻ جو غم طاري ٿئي ٿو. ڪو بہ تاثر تڏهن طاري ٿيندو آهي، جڏهن پڙهڻ واري جي انداز ۾ خيالن جو تسلسل، رواني، منظر، تاثرات هم آهنگيءَ سان هلندا هجن. مون ڪجهہ نوجوانن جي شاعريءَ ۾ هڪ خامي اها ڏٺي آهي تہ انهن جي ڪلام جون مٿيون بہ سٽون تہ خيال سان ڀرپور هونديون آهن، پر ان کان پوءِ اهو تسلسل ٽٽي پوندو آهي ۽ ذهن ۾ ايرنڊڙ عڪس ڏنڍلڪو ٿي منجهي ويندو آهي. سٺي شاعري اها آهي جنهن جي پڙهڻ کانپوءِ خود بخود اندر مان 'واهہ' نڪري، ساڳي طرح ڪامياب ڪهاڻي اها آهي، جيڪا پڙهڻ کان پوءِ ياد رهي :

رهجي ويندو خال.

گذري ويندي زندگي.

جڏهن پوئيٽ ڀهرين اڏامر ڪندو آهي تہ پويان پاڻ جهڙو خول ڇڏي ويندو آهي. دنيا ۾ سڀ کان خوبصورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي پوپٽ جي آهي. پوپٽ جي زندگي چئن ڏينهن کان مٿي نہ هوندي آهي. ڪِيٽس جڏهن ٽي بيءَ وکهي هڪ بيٺ تي زندگيءَ جا آخري ڏينهن گذاري رهيو هو تہ اتان هن پنهنجي محبوبا ڏي خط لکيا. هڪ خط ۾ لکي ٿو:"منهنجي پياري! جيڪر تون ۽ مان پوپٽ هجون ها. زندگيءَ جا چار ڏينهن گلن ۾ گذاري، دنيا مان راهي ٿيون ها." زندگيءَ جي پوئتي رهجي ويل خال جو تصور، ناسي پينسل سان ليڪيل اهڙو خاڪو آهي، جنهن جون رڳو ٻاهريون لڪيرون واضح آهن.

ٿوهر ٿوهر ساعتون، صحرا صحرا سال-

گذري ويندي زندگي.

هر گهڙي هر قدم هڪ ٿوهر آهي. زندگي صحرا جو سفر آهي. ايازجانيءَ جي تصور جي اڏام ان ڪبوتر جهڙي آهي، جيڪو آسمان ۾ اوچائين تي هجڻ ڪري نظر نہ ايندو آهي. ايازجانيءَ جي اڏام ڪي شايد ڪنهن ڏٺو نہ آهي. هو سنڌ ۾ ٿيندڙ ان آفاقي شاعريءَ جو اهم حصو آهي، جيڪا هتي سرجي رهي آهي. سنڌي شاعري جنهن تسلسل سان ترقي ڪري رهي آهي، ان ۾ ايازجانيءَ جهڙن شاعرن جي محنت آهي.

گهر نہ اورانگهي سگهي، در جي چانئٺ تي-

پٿر تي وئي ڇوڪري

شاعري لفظن جي سنگتراشي آهي. شاعري قلم سان دل کوٽڻ آهي. در جي چانئٺ ۽ ڇوڪريءَ جو پٿر تي وڃڻ، ايئن آهي جيئن گردش جو رڪجي وڃڻ. ايازجانيءَ جي وائيءَ ۾ اهڙو منظر ڏسي چنڊ بہ رڪجي هيٺ ضرور ڏٺو هوندو. مون چنڊ جي چهري تي ڪيئي تاثرات ڏٺا آهن: اهو ڏکايل هوندو آهي، خوش هوندو آهي، ڪڏهن حيرت ۾ تہ ڪڏهن خوف ۾ هوندو آهي، جنهن ڏينهن شهر ۾ قتل ٿيندو آهي، تنهن رات چانڊوڪيءَ ۾ ڳوڙهن جي آلاڻ هوندي آهي. چنڊ جي چهري تي مرڪ هوندي آهي، جنهن رات مون کي اڪيلو ڏسندو آهي.

بي وفا بي درد موسم!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇو نہ ٿي گذري ويچين؟
وچ ۾ ويٺي رهي آن، هجر جي اي سرد موسم!
ڇو نہ ٿي گذري ويچين؟
گل دعائن جا ڇڻن ٿا، شاعريءَ جي زرد موسم!
ڇو نہ ٿي گذري ويچين؟

اياز جانيءَ وائيءَ کي نئون روپ ڏنو آهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ مون کي بيت ايئن لڳندا آهن جيئن زمين ۾ پوريل ٻج ۽ وايون ولڙين جيان ڦٽيءَ مٿان گل ڪِڏي بيٺل آهن. وائيءَ جو اهو ساڳيو تسلسل آهي، جيڪو ارتقائي منزلون طئي ڪندو شيخ اياز وٽ هيئت Formبدلائي، ادل سومري کان ٿيندو اياز جانيءَ تائين پهچي ٿو. اياز جاني وائيءَ کي ايئن بدلائي وڌو آهي جو اها نئين وصف ساڻ ڪٺي، نظم ۽ غزل جو سِڪون لاهي ٿي، جيئن مٿين وائيءَ مان واضح آهي. هن رديف کي اهڙي طريقي ڪتب آندو آهي، جو اهو سونهن ۾ اضافو ڪري ٿو نہ تہ وائيءَ ۾ رديف جي گنجائش نہ هوندي آهي. جانيءَ جي هڪ ٻي خوبصورت وائي ڏسو:

ڪورِي مان ڪنيار.
آهيان مٽيَ سنڌ جي.
مان ئي راءِ ڏياچ هان، مان ئي مڱڻهار.
آهيان مٽيَ سنڌ جي.
پِٽَ، درازا، جهوڪ مان، ڳجُ، پُڄ مانِ گِرنار.
آهيان مٽيَ سنڌ جي.
سڀ عالم لئہ آجپو سنڌيت جو سنسار.
آهيان مٽيَ سنڌ جي.

هيءَ وائي مڪمل طور سنڌ جي تهذيب، رواداري، تاريخ ۽ صوفي خيال جو تت Conclusionآهي. اها بيهڪ ويچار ۽ جوڙجڪ جي لحاظ کان سنڌي جديد وائيءَ جو خوبصورت نمونو آهي. ان ۾ رواني، ردم ۽ تسلسل آهي، پر ان ۾ اها ڪلاسيڪل تجنيس حرفي نہ آهي، جيڪا سنڌي شاعريءَ جي اُٽت جو بنيادي شرط رهي آهي.
شاعر جنت جي باغ جو مالهي آهي، جيڪو مالڪ کان نظر بچائي ان جا گل چوري ڪري ٿو جنهن ڏينهن پڪڙيو ويو تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس سزا طور جنت جو مالڪ بڻايو ويندو. اياز جاني منظر ڪشي ايئن ڪري ٿو جو هو جڻ نوان رنگ وجهي فطرت جي نقصن جي تصحيح ڪري ٿو. منظر اهڙا ٿي پون ٿا جيئن اڻ ڏٺل ۽ نوان هجن. خوابن کان خالي اکيون گلابي پنکڙين جيان صحرا جي ڪاري اُس ۾ پيل آهن. اهڙا منظر ڏسي اکيون اڻ ڏٺل نظارن کان واقف ٿين ٿيون:

خواب کان خالي اکيون -
جڻ تہ صحرا ٿيون لڳن.

ڪنهن گلابي پنکڙيون، اُس ڪاريءَ ۾ رکيون -
جڻ تہ صحرا ٿيون لڳن.

شاعر کي اها فوقيت حاصل آهي تہ هو غيب جا آواز ٻڌي سگهندو آهي. هن جون اکيون اهو ڪجهہ ڏسنديون آهن جيڪي عام جي اختيار ۾ نہ هوندو آهي. شاعر حساسيت ۽ Perceptionجي اهڙين حدن کي ڇهندو آهي، جتي ڏاهپ اختتام پذير ٿئي ٿي. هن کي سگهہ حاصل آهي تہ خاموشيءَ جي پيٽ ۾ ڇهندي وجهي ان کي رڙ ڪرائي سگهي.

خاموشيءَ ۾ هلڪو کڙڪو ٻڌالهائي ٿو
" در تو گهٽجي، کوليو " ڪمرو ٻالهائي ٿو.

شاعر مٿان آواز پکين جيان اُڏامندا آهن. هو بند ڪمري جي مونجهہ سيني اندر محسوس ڪري ٿو. ڪمري جو کُلڻ آزادي جو ساهہ کڻڻ آهي.

اياز جانيءَ جي شاعري ۾ ڪردار نگاري آهي، هو شاعريءَ ۾ گفتگو ڪري ٿو. هو شاعريءَ جو ڊراما نويس ۽ ڪهاڻيڪار آهي. هن جا ڪردار سخي، ظالم ۽ پُراسرار آهن. هو هر ست ۾ اکين جي گهير visual fieldجو سمورو ڏيک سمائي ڇڏي ٿو:

رات جون پوريون گهڙيون ۽ سانت،
رات جون ڳيتون، ڪڙيون ۽ سانت.

اياز جانيءَ وٽ سانت ڳالهائي ٿي ۽ رڙ سانت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. هن جي شاعري علامتن جي جهنگ ۾ لڪيل ڇپتي جيان ساهہ کڻي ٿي. هو خاموشيءَ جي طلسم کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي ٿو تہ گمان جو آئينو چير چير ٿي هڪ ڏيک کي لاتعداد ڏيکن ۾ تبديل ڪري وجهي ٿو:

سانت ڳيهي ويندي، پنهنجي اندر جو.
ڪو تہ ڪڙو ڪڙڪائي.
ڪو محسوس ڪري، اوسيئڙو در جو.
ڪو تہ ڪڙو ڪڙڪائي.

جاني ءَ جي شاعري انهن کي وڻندي جن جي Perception انهن حدن کي ڇُهي ٿي، جو انڌڪارن Blindness سان ڏسڻ لائق ٿين ٿا ۽ اونڌهڪارن Darkness کي روشني ءَ جيان ڪتب آڻڻ جي قابل ٿين ٿا.

اياز جاني ءَ جي هيئين غزل جي شعرن ۾ سندس چٽيل ڏيک ڏسو:

صحرا جهاڳي گهر لئہ پاڻي ءَ لپ ڪٺي آئي آ.
پاڻياري پر پنهنجا پياسا چپ ڪٺي آئي آ.
ڪيئن پريمي ءَ ڏانهن ڪٺي وئي گهر جي چيڪي مٽي،
موٽي آهي هوءَ تہ گهر ۾ ڳپ ڪٺي آئي آ.

صحرا ۽ پاڻياري، ان جا پياسا چپ، گهر جي چيڪي مٽي ۽ پيرن جي ڳپ، اهي سڀ جيئرا عڪس آهن، جيڪي هڪ وڏي سماج جي هڪ وڏي ڪهاڻي ءَ کي جنم ڏين ٿا. هو جڏهن اَن اپائيندڙ هاري جي قبر تي داڻي لاءِ پکين کي لهندي ڏسي ٿو تہ سندس دل ۾ هن طرح خيال جنم وٺي ٿو:

داڻي لئہ پکي لهندا،
هاريءَ جي قبر آهيان.

اياز جاني امن جو پيمبر آهي ۽ دنيا جو هر وڏو شاعر امن جي ڳالهہ ڪري ٿو. وقت ٿيو عظيم جنگيون ختم ٿي چڪيون، پر اسان وٽ جنگ جاري آهي، جنهن جو انت نظر نہ ٿو اچي. هو ويڄ ۽ دوا درمل جي ضرورت کان وڌيڪ گلن جهڙي ماحول برپا ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو جيڪو شايد هر جنگ جي مسئلي جو هڪ جٽادار حل آهي:

لانگ بوٽن کي ڪٺو تارون ڪٺو کي گُل رکو.
سرحدن تان سڏڪندڙ سارون ڪٺو کي گُل رکو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز جانيءَ نہ صرف خوبصورت وائي لکي آهي، پر هن غزل ۾ بہ ڪمال ڪيو آهي. هن وٽ غزل اهڙي روپ ۾ نظر اچي ٿو جنهن تي اردو شاعريءَ جي ڇاپ لڳل نہ آهي:

روشني، خوشبو، مٽي، بارش، هوا،
سوچ ۾ آهيان تہ ڇا آهي بدن.

بدن جي بناوٽ ڪيميڪل عنصرن کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. روشني، مٽي، بارش ۽ هوا ڪيميڪل عنصرن جون فطري شيون آهن. انسان انهن ئي عنصرن مان ٺهيل آهي. فطرت هائيڊرو ڪاربن، ماليڪيول ۽ گاڊ پارٽيڪل ئي تہ آهي. سرابن ۾ ڪنهن اپسرا جو بدن ٿاهي نروار ٿيڻ، ڄڻ ڪائنات جو وجود وڻڻ آهي.

اياز جاني سنڌ ۾ صدين کان جاري شاعريءَ جي تسلسل جي ڌاري مان ڇٽي صاف ٿيل گوهر ناياب جيان نڪتل آهي. هن وٽ اميدن جا ڏيئا سدائين روشن رهندا.

- رسول ميمڻ

ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي حدّ نہ ڪا۔
مان هڪ ننڍڪي۔ دائرو.

تنهنجي سامهون رکّ جان، منهنجي سڀ پوڄا۔
مان هڪ ننڍڪي۔ دائرو

جنهن هنڌ اشارو ٿئي، منهنجي منزل سا۔
مان هڪ ننڍڪي۔ دائرو.

آهي تنهنجي نانءُ جي، جيڪا وسعت آ۔
مان هڪ ننڍڪي۔ دائرو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رت گهرين يا جر-
او ڏيئڙا تون اجا ٻيي ٻر!

رات، اُٻس ۽ اوسيئڙي ۾، ساهہ گُهٽي ٿو گهرُ-
او ڏيئڙا تون اجا ٻيي ٻر!

ٻاڻ ۾ گهر منهنجو ئي ناهي، ٻاڻ سڄو ئي تر-
او ڏيئڙا تون اجا ٻيي ٻر!

نيڻ تہ پوءِ بہ کُليل ئي رهندا، بند ڪيان جي درُ-
او ڏيئڙا تون اجا ٻيي ٻر!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئڙا! ڏيئڙا! ٻر-
گھر گھر گھريءَ ٻاٽ ۾.

ڏينھن ڏسي تو ڏاڍ مان، رات وجھي ٿي ور-
گھر گھر گھريءَ ٻاٽ ۾.

ڪاري ڏامر روڊ جئن، خاموشيءَ ۾ تر-
گھر گھر گھريءَ ٻاٽ ۾.

”گھر گھر نعرا گوجندا، جيئڻ ڪارڻ مرُ-
گھر گھر گھريءَ ٻاٽ ۾.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيرُ چوي ٿو: سچ ٿي اُيرو ٿانڊاٽو ٿئي ڪو.
ٽڙندي جاڳرتا.

آهي جي گهگهه اونداهيءَ ۾ جيئڻ جو جذبو.
ٽڙندي جاڳرتا.

هٿڪڙين کي ڇمندي اپ ۾ پکين کي ڏسجو.
ٽڙندي جاڳرتا.

گڏجي ٿهڪ پکيڙيو جڙندو خوشبو جو رستو.
ٽڙندي جاڳرتا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچي تِڻ ناهيون -
ٻيگهي توڙيون ٻاٽ جي.

لاڳيتو لهرن جيان، تحرڪ ڏي ڪاهيون -
ٻيگهي توڙيون ٻاٽ جي.

سنڀاليون ساڃاهه کي، وِسوسا ڊاهيون -
ٻيگهي توڙيون ٻاٽ جي.

روڙي پنهنجي روح تان، ڊپُ سڄو لاهيون -
ٻيگهي توڙيون ٻاٽ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانت ڳهي ويندي، پنهنجي اندر جو.
ڪو ته ڪڙو ڪڙڪائي.

آسروند اکيون، چاهن ٽيون گهر جو.
ڪو ته ڪڙو ڪڙڪائي.

ڪو محسوس ڪري، اوسيئڙو در جو.
ڪو ته ڪڙو ڪڙڪائي.

سڄُ نه ايريو ڇو؟ اُتي اوير جو.
ڪو ته ڪڙو ڪڙڪائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون نڪورو مَنڌُ ۔

تنهنجا جوبَن ڏينهڙا.

جسم ڪچي سون جان، ڪوسو ڪوسو هنڌ۔
تنهنجا جوبَن ڏينهڙا.

انڌ نہ ايندو اورتي، اوچو منهنجو ڪنڌ۔
تنهنجا جوبَن ڏينهڙا.

تاٽيل سينو ساز جو آڪاشن جو پنڌ۔
تنهنجا جوبَن ڏينهڙا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄائي ڄُنڊا پٽ.
سياست جي بازار ۾.

دوکيباز دلال ڪي، چمڙا ڪي چرپٽ.
سياست جي بازار ۾.

ڪنڌ جُهڪايا ڪارڪن، ڳيروئن ڪي ڳٽ.
سياست جي بازار ۾.

نڪتا وچي ٻارڙا، پڪڙيندي پوپٽ.
سياست جي بازار ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ بہ اوسيئڙا۔
اڄ بہ اڄارا پنڌ ۾

ڏِيلَ ڏِياتيون ٻاٽ ۾ نيڻ ڪري ڏيئڙا۔
اڄ بہ اڄارا پنڌ ۾

اُجياري لئہ اڄّ ۾ واريا‌سا جيئڙا۔
اڄ بہ اڄارا پنڌ ۾

ڪالھ بہ پيٽڪيا رڃّ ۾ جاني! جوڳيئڙا!
اڄ بہ اڄارا پنڌ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري ڪاري رات.
گذري ويندي جيئڙا!

پوپٽ، خوشبو خواب تان، ڀاري ڀاري رات.
گذري ويندي جيئڙا!

رتُ اسان جو روشني، ڏاري ڏاري رات.
گذري ويندي جيئڙا!

گجندو دريا ٻاک جو واري واري رات.
گذري ويندي جيئڙا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحرا صحرا نيڻ.
آءٌ مسافر آهِيان.

منهنجي مايا اجَ آ، سپنا سپنا نيڻ.
آءٌ مسافر آهِيان.

رات ٻہ مون سان چنڊ هو تارا تارا نيڻ.
آءٌ مسافر آهِيان.

آءٌ ڏسان ٿو خواب ۾ دريا دريا نيڻ.
آءٌ مسافر آهِيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باندِي سارا پل-
اجياري جي آس ۾

نيڻَ اُجهاميل آڳ جان، ڳاهيل ڳاهيل ڳل-
اجياري جي آس ۾

ريتي ريتي خواب ۾، ڪارا ڪارا سَل-
اجياري جي آس ۾

جوڳي اوتي اڄَ ڪي، پهتا سنڌو جَل-
اجياري جي آس ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راتِ: اٿانگو لڪُ.
وڪ وڪ ٿوهرَ پيچرا.

هڪ هڪ پل جي هڙَ ۾، جيونَ جيڏو ٿڪُ.
وڪ وڪ ٿوهرَ پيچرا.

اڄَ هئي درياهه ڪي، تاسارو هو تڪُ.
وڪ وڪ ٿوهرَ پيچرا.

پيرن ۾ ٽتَل بڙُ هو هٿن ۾ ڦُٽل اڪُ.
وڪ وڪ ٿوهرَ پيچرا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڙ ٽڙ تي ترسڻ الا وو.
ڪيڏي اڄ اساث الا وو!

ٻاھ ٻري پاڻيءَ ۾ پوءِ ٻہ پاڻيءَ سان پرچڻ الا وو.
ڪيڏي اڄ اساث الا وو!

توسان ھوندي جنم جنم ڪان، پو بہ اڪيلو ڄڻ الا وو.
ڪيڏي اڄ اساث الا وو!

پيئندي نہ محسوس ٿئي تو آويءَ ۾ پڄرڻ الا وو.
ڪيڏي اڄ اساث الا وو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پنڌُ پري-
اپُ تہ آهي اورتي!

هلندو رهجي هيج مان، اکڙيون پيرَ ڪري-
اپُ تہ آهي اورتي،

آس نہ ڪا آڪاس جي، ياڪڙيونءَ پري-
اپُ تہ آهي اورتي!

جُڳ جُڳ جرڪي سنڌڙي، جڳ جڳ جڳُ پري
اپُ تہ آهي اورتي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانجهه، سنيارون، سمنڊ ـ
ڪاٽي آهين ڪامڻي!

تنهنجي تانگهه، تلاش ۾ تارا، ڪتيون، چنڊ.
ڪاٽي آهين ڪامڻي!

ڪو نه هليو ڪانوڙ+ ۾ مون تي ڪنهنجو منڊ ـ
ڪاٽي آهين ڪامڻي!

مُرڪ نه پانيان مُکَ تي، ڪير نه پانيان ڪنڊ.
ڪاٽي آهين ڪامڻي!

+ ڪانوڙ: ڪراچيءَ جو قديمي ڳوٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُيڪارن جا هُل.
هينئڙو سارو هُوڪرا.

مورُ ٿهوڪيو موهه جو، جهوميا جهومڪ، گُل.
هينئڙو سارو هُوڪرا.

وهنتي سِهنتي ساجهري، ڪرڻا ٽيا ڪاڪُل.
هينئڙو سارو هُوڪرا.

سنياري سرير تو پِنيرڪي جي ٻُل.
هينئڙو سارو هُوڪرا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳڄ ڳجر پائي-
جرڪي پيئي ڪاڄ ۾

ويڙهو ويڙهي ٻاچ ۾ پيئي ڦيرائي-
جرڪي پئي ٿي ڪاڄ ۾

جيڏين سان جهمريون وجهي، جيڏا جهومائي-
جرڪي پيئي ڪاڄ ۾

مرڪ وکيري موهه مان، هينئڙا هرڪائي-
جرڪي پيئي ڪاڄ ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيِروءَ اربيو رتُ.
ءِ پوءِ باک ڦٽي پئي.

سرتين ساٿُ سنياريو سَرتن ساريو ستُ.
ءِ پوءِ باک ڦٽي پئي.

ڏاڏي پوٽي کي چيو: ”رات ڪيو آ رتُ“.
ءِ پوءِ باک ڦٽي پئي.

راتاهن جي راڄ ۾ چنڊَ ڏنو آٿتُ.
ءِ پوءِ باک ڦٽي پئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ جي تندُ.
ڪوبہ تنواري ڪو نہ ٿوا!

هر ڪنهن حدّون، دائرا، هر ڪوئي پابندُ.
آزاديءَ جي تندُ.
ڪوبہ تنواري ڪو نہ ٿوا!

باندي پڙڪن ٿي نہ ٿا، ڪيڏو تتّل بندُ.
آزاديءَ جي تندُ.
ڪوبہ تنواري ڪو نہ ٿوا!

هر ڪنهن جهليو جهول ۾، غلاميءَ جو گندُ.
آزاديءَ جي تندُ.
ڪوبہ تنواري ڪو نہ ٿوا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڙي تون وڳَ ڪان-
چا ٿي سوچين نينگريءَ؟

آجو ڪندينءَ پاڻ ڪي، پٽڪي ۾ پڳ مان-
چا ٿي سوچين نينگريءَ؟

ميڙيندينءَ گُل پنڪڙيون؟ جهيڙيندينءَ جڳ سان؟
چا ٿي سوچين نينگريءَ؟

چاهَين ٿِي هٻڪار ٿئي، چنڊُ ڪڙي ڇڳ تان-
چا ٿي سوچين نينگريءَ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙهو ورُ سمهاري، اڌ رات اٿي آئي-
هوءَ منهنجي ياڪر ۾!

تاسارا نيڻ کٽي، ڪيڏو تہ اجي آئي-
هوءَ منهنجي ياڪر ۾!

سيءَ سياٽي رُت ۾ پگهرجي پُسي آئي-
هوءَ منهنجي ياڪر ۾!

ايئن ٿي محسوس ٿيو جڻ آهہ رڳي آئي-
هوءَ منهنجي ياڪر ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻياريءَ پاتو.
ڳڄ ڳلابي جسم تي.

سڀ ستارا صورتون، نوراني ناتو.
پاڻياريءَ پاتو.
ڳڄ ڳلابي جسم تي.

راڄ لتاڙيندي وئي، هٿُ نہ ڪنهن لاتو.
پاڻياريءَ پاتو.
ڳڄ ڳلابي جسم تي.

بيتابيءَ ۾ بانسري، سرمنڊل آتو.
پاڻياريءَ پاتو.
ڳڄ ڳلابي جسم تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏڪي جي پرسان.
ٿڪ ڏئي ٿي ڇانوٽي!

ڪنهن بارودي بود ۾، ڳالهائي مون سان.
ٿڪ ڏئي ٿي ڇانوٽي!

رڙڪي منهنجا هڏَ ٿي، آءُ پيو ڦٿڪان.
ٿڪ ڏئي ٿي ڇانوٽي!

پِيرائين گادين منجهان، ڪيئي ڪيئيءَ مان.
ٿڪ ڏئي ٿي ڇانوٽي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندي آزادي.
يا بس هي ڪو خواب آ ؟

لاٿ اجهاڻل روح جي، ٿيندي آزادي.
يا بس هي ڪو خواب آ ؟

لاهي ٻيڙيون جيءَ تان، ويندي آزادي.
يا بس هي ڪو خواب آ ؟

پنهنجي ڌرتيءَ وارثي، ڏيندي آزادي.
يا بس هي ڪو خواب آ ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهجي ويندو خال۔
گذري ويندي زندگي!

توهر توهر ساعتون، صحرا صحرا سال۔
گذري ويندي زندگي!

کهڙو پنهنجو آئيندو کهڙو پنهنجو حال۔
گذري ويندي زندگي!

کنهن لئہ کنهن سان اورجي، اندر جو احوال۔
گذري ويندي زندگي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي پهتو هو اچا، صحرا کي اُڪري.
جاني ڪهڙي پار ويو؟

اذيت جي آڙاهہ مان، آيو هو گذري.
جاني ڪهڙي پار ويو؟

انڌيرن جي راڄ ۾ سڄ جيان ايري.
جاني ڪهڙي پار ويو؟

موتُ: پرينءَ جو سڏُ هو!؟جي نہ تہ هئن اجري.
جاني ڪهڙي پار ويو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري ٽي خوشبو.
وينگس ڪولي وارَ ٽي.

هُن ڪي پوپٽ، چنڊ ۾ ساري ٽي خوشبو.
وينگس ڪولي وار ٽي.

جوين جي درياهه ۾ تاري ٽي خوشبو.
وينگس ڪولي وار ٽي.

جسمَ وسائل ڪي وري، ٻاري ٽي خوشبو.
وينگس ڪولي وار ٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاٽ لياريءَ مان۔
ٻرندِي، ٻرندِي ٻاٽ ۾.

ٻڏندا سارا ٻاٽ جا، گهاٽ لياريءَ مان۔
لاٽ لياريءَ مان۔
ٻرندي، ٻرندي ٻاٽ ۾.

شعلا شعلا اڀرندا، ڳاٽ لياريءَ مان۔
لاٽ لياريءَ مان۔
ٻرندي، ٻرندي ٻاٽ ۾.

جُڙندِي جُڙندي سوپ جي، واٽ لياريءَ مان۔
لاٽ لياريءَ مان۔
ٻرندي،
ٻرندي ٻاٽ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏرندي آڪاش۔
هوءَ ڪري محسوس ٿي!

صبح سويري وهنجندي، پهڪندي آڪاش۔
هوءَ ڪري محسوس ٿي!

چولي ۾ ماپي نٿي، ابڙندي آڪاش۔
هوءَ ڪري محسوس ٿي!

تن من هن جو رقص ۾، جهومندي آڪاش۔
هوءَ ڪري محسوس ٿي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونگن مٿان ونگ -

برسِي پيئي سانوڻي.

ڄر- ڄراٽيون موهه جون، ٽانڊا ٽانڊا انگ -

برسي پيئي سانوڻي.

ساهَه هندورن ۾ لُڏيا، چپڙن چوريا چنگ -

برسي پيئي سانوڻي.

خوشبو خوشبو پيچرا، منزل منزل رنگ -

برسي پيئي سانوڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



گهر نہ اورانگهي سگهي، در جي چانئٺ تي.
پٽر تي وئي چوکري!

رشتو رشتو ڏر هئو ڏر جي چانئٺ تي.
پٽر تي وئي چوکري!

آسَ اڏارون اُڀَ ۾، پر جي چانئٺ تي.
پٽر تي وئي چوکري!

وک وک تي پُرندي اچي، ور جي چانئٺ تي.
پٽر تي وئي چوکري!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَنُ موهن جو دڙو.
دل دراوڙ آ پرين!

سارَ سنبارا جيان، چاهہ ڪي پاتل چڙو.
دل دراوڙ آ پرين!

اذيتون آرين جيان، روز ڪڙڪائن ڪڙو.
دل دراوڙ آ پرين!

ايئن مان تاريخ ۾ جئن ڪارونجهر ڪڙو.
دل دراوڙ آ پرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسندو وسندو ٽر-
بر ۾ ٽيندیون بارشون.

"آزادي ايمان آ"، چوندو چوندو ٽر-
بر ۾ ٽيندیون بارشون.

اينڊو اينڊو روپلو جهومي پوندو ٽر-
بر ۾ ٽيندیون بارشون.

ڪارونجهر جي ڪور تي، جهنڊو پسندو ٽر-
بر ۾ ٽيندیون بارشون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوري مان ڪنيار.
آهيان مٽيءَ سنڌ جي.

مان ئي راءِ ڏياچ هان، مان ئي مڱڻهار.
آهيان مٽيءَ سنڌ جي.

پِٽَ، درازا، جهوڪ مان، ڪڇُ، ڀُڄ مان گِرنار.
آهيان مٽيءَ سنڌ جي.

سڀ عالم لئه آڇيو سنڌيت جو سنسار.
آهيان مٽيءَ سنڌ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کهڙي سڄ سنيار.
اونداهي ايوان کي!

اُلجهائي امڪان ۾ بيٺا هن پرمار.
کهڙي سڄ سنيار.
اونداهي ايوان کي!

مايا ۾ ميرا ٿيا، ماڻهو مٽيادار.
کهڙي سڄ سنيار.
اونداهي ايوان کي!

نعرن جي سيلاب ۾ واريا سا ويچار.
کهڙي سڄ سنيار.
اونداهي ايوان کي!

+ سنڌ اسيمبليءَ جي پس منظر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي هڏ 'حديد' ۾، هاڻي 'نئين ديري' -
ڇا لئه ڀٽڪي روح ٿو؟

سڏ پڙاڏا ساهه ۾، سانجهيءَ، سويري-
ڇا لئه ڀٽڪي روح ٿو؟

هوءَ ته ويئي ٿوهه تي، هينئڙي کي هيري-
ڇا لئه ڀٽڪي روح ٿو؟

ڇا مان ويٺو آهيان، پرينءَ جي پيري-
ڇا لئه ڀٽڪي روح ٿو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



واهروءَ آهي وڏو طوق منهنجي ڪنڌَ ۾-
آئ اهوئي پنڌَ ۾.

جاڳ پٽڪا تي ڏئي، پيو سڙان تو هنڌَ ۾-
آئ اهوئي پنڌَ ۾.

ڪو بدن جي پينگهه ۾، ڪو ٻُلي تو مَنڌَ ۾-
آئ اهوئي پنڌَ ۾.

مان ڪيان هٿ جوڙ تو هُو لهي پيو انڌَ ۾-
آئ اهوئي پنڌَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيوفا! بي درد موسم!
چونءِ تي گذري ويچين؟

وچَ ۾ بيهي رهين آن، هجر جي اي سرد موسم!
چونءِ تي گذري ويچين؟

گل دعائن جا ڇڻن ٿا، شاعريءَ جي زرد موسم!
چونءِ تي گذري ويچين؟

ڪٿن ڇٽي سرهاڻ سگهنديءَ، اڄُ جي نامرد موسم!؟
چونءِ تي گذري ويچين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢

رڻ سجو گلزار ڪر.
ڪر گلابي، موتيا!

ڄرَ ۾ پڄران پئي، ڪر ڪڪر چٽڪار ڪر.
ڪر گلابي، موتيا!

پاڻ ڪان پرتي نہ ڪر، ڪڻُ خنجر ڪڻ وار ڪر.
ڪر گلابي، موتيا!

تي سپهه سالار تي، ڪر اُپي تلوار ڪر.
ڪر گلابي، موتيا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب کان خالي اکيون-
ڇڻ تہ صحرا ٿيون لڳن.

ڪنهن گلابي پنکڙيون، اَس 'ڪاريءَ' ۾ رکيون-
ڇڻ تہ صحرا ٿيون لڳن.

ڏر ٽٽيءَ جون ساوڪون، ڪنهن ڪهاڙيءَ کان ڳڪيون
ڇڻ تہ صحرا ٿيون لڳن.

بي ڪفن تدفين تي، ڳوٺ جون 'سهڻيون' سکيون-
ڇڻ تہ صحرا ٿيون لڳن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



نينهن جهڙي نينگري-
راڄ مان نڪري وئي.

هلُ ويو تي ڳوٺ ۾:"شينهن جهڙي نينگري -
راڄ مان نڪري وئي."

تهمتن جي رات ۾ ڏينهن جهڙي نينگري-
راڄ مان نڪري وئي.

ڪو ٽريلو عشق هو مِينهن جهڙي نينگري-
راڄ مان نڪري وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا ڊسمبر رات مون ۾ برف وانگر ٿي ڳري، تون!
سَج جي ٽِڙڪي جيان.

هي ڪٿان آواز اڀريو: ”ڳهر مسلسل ٿو ٺري، تون!
سَج جي ٽڙڪي جيان.“

جسم آ مفلوج، توکي پوءِ بہ ٿو ياڪُر پري، تون!
سَج جي ٽڙڪي جيان.

مون ڪئي محسوس آهي زندگي تنهنجي ڪري، تون!
سَج جي ٽڙڪي جيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو ڇرڪي اٿي ننڊ مان، چيم:
”در تہ کڙڪي ڪو نہ ٿو!؟“

جا هئي ير ۾ سُتل، تنهن کان پڇيم:
”در تہ کڙڪي ڪو نہ ٿو!؟“

”ڇو اجايو ٿو ڪرين پيو تون وهم.
در تہ کڙڪي ڪو نہ ٿو!“

پوءِ شايد خواب ۾ سڏُ ڪو ٻڌم.
”در تہ کڙڪي ڪو نہ ٿو!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪو بہ رستو نہ آ"، ٿي مسافر چيو.
پوءِ ڪاڏي ويو؟

"ڪوڙ رشتا ڪٺي مون سجائي رکيا،
ڪو بہ پنهنجو نہ آ"، ٿي مسافر چيو.
پوءِ ڪاڏي ويو؟

"نيڻ ويران وستيءَ ۾ ڀٽڪن پيا،
ڪو بہ سپنو نہ آ"، ٿي مسافر چيو.
پوءِ ڪاڏي ويو؟

"ٻي حسيءَ جي ڏگهي رات مان آجپو
ڪو بہ لمحو نہ آ"، ٿي مسافر چيو.
پوءِ ڪاڏي ويو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيخوديءَ جي مئڪدي ۾ جام جو ڏيئو ٻري ٿو.
شام جو ڏيئو ٻري ٿو.

تيز ڪائي ٿي جواني، ڪام جو ڏيئو ٻري ٿو.
شام جو ڏيئو ٻري ٿو.

عشق جي سامهون سدا الزام جو ڏيئو ٻري ٿو.
شام جو ڏيئو ٻري ٿو.

شاعريءَ جي روح ۾ الهام جو ڏيئو ٻري ٿو.
شام جو ڏيئو ٻري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر جياپو اڄ آهي، ڪير آ ڪنهن لئہ اجارو.
ڪير تو ڄاڻي سگهي؟

چوڏسائن رڃ آهي، ڪير آ ڪنهن لئہ سهارو.
ڪير تو ڄاڻي سگهي؟

عشق جي بي انت ساگر جو ڪٿي آهي ڪنارو.
ڪير تو ڄاڻي سگهي؟

زندگيءَ جو جام ڪهڙي شام تائين آ اُڌارو.
ڪير تو ڄاڻي سگهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا پرواز ۾ آهي-
پکي زخمي حياتيءَ جو.

سدا ڪو ٻول ٻولي ٿو سدا ڪنهن راز ۾ آهي-
پکي زخمي حياتيءَ جو.

سدا ڪنهن نينهن جي جلوي، سدا ڪنهن ناز ۾ آهي-
پکي زخمي حياتيءَ جو.

سدا بيخود، سدا رقصان، سدا ڪنهن ساز ۾ آهي-
پکي زخمي حياتيءَ جو.

سدا سڙندو سدا رڙندو رهيو آواز ۾ آهي-
پکي زخمي حياتيءَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ٻرندڙ لاٽ تي-
ننڊ مان جاڳي پئي!

هوءَ پينگهي ۾ هئي، ڪڪَ جي چيڪاٽ تي-
ننڊ مان جاڳي پئي!

”هن کي گهري ننڊ آ“، اهڙي ڪنهن سُرٻاٽ تي-
ننڊ مان جاڳي پئي!

چنڊ سان ملڻو هئس، ڪيئن الائي واٽ تي-
ننڊ مان جاڳي پئي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجالي جي تمّنا جو قدم اتهاس ۾ رڪجي-
جنم اتهاس ۾ رڪجي.

بغاوت ڪي لڪي چمندي، قلم اتهاس ۾ رڪجي-
جنم اتهاس ۾ رڪجي.

ڪري سوراج جو اوچو علم اتهاس ۾ رڪجي،-
جنم اتهاس ۾ رڪجي.

ڪٽي ڏرتيءَ جو گُل وانگر قسم اتهاس ۾ رڪجي-
جنم اتهاس ۾ رڪجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُڌِي جي سُڌُ مٿيءَ جو اٿي سجدو ڪري ماڻهو-
تہ سج وانگر ٻري ماڻهو.

ڇڏي آڪاشُ، پنهنجا پير ڌرتيءَ تي ڌري ماڻهو-
تہ سج وانگر ٻري ماڻهو.

بقا جي حرص مان نڪري، فنا جو ڏُک ڀري ماڻهو-
تہ سج وانگر ٻري ماڻهو.

پرهہ جي خوابَ ساگر ۾ تِي اڻ تارُو تري ماڻهو-
تہ سج وانگر ٻري ماڻهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هزارين سال تنهائي، اسان جي روح ڀوڳي آ.
اسان جو روح جوڳي آ.

اسان جو شور بي معنيٰ، اسان جي ماٺ موڳي آ.
اسان جو روح جوڳي آ.

رواجن جي قبيلن جي، سڃي ساڃاهه موڳي آ.
اسان جو روح جوڳي آ.

اسان کي عشق سمجهايو: انا جي ذات توڳي آ.
اسان جو روح جوڳي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ازل جو شور آهي ۽-
اڪيلائي مسافر جي.

ويو پيهي وڇوڙي ۾، وصل جو شور آهي ۽-
اڪيلائي مسافر جي.

اکين جي نير ساگر ۾، ڪجل جو شور آهي ۽-
اڪيلائي مسافر جي.

مٺي! ڪهڙي حياتي آ، اجل جو شور آهي ۽-
اڪيلائي مسافر جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آد کان آهي وڇوڙو انت تائين اُڃَ آهي-
زندگيءَ ۾

هڪ اُڃاري آرزوءَ سان ساڻ هلندي رُڃَ آهي-
زندگيءَ ۾

عشقُ جي آهي تہ آهي ٻي تہ جاني سُڃَ آهي-
زندگيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڄي ٿو ساز وحدت جو سچو سنسار جهومي ٿو.
اسان جو پيار جهومي ٿو.

خدا جو ٿو پسان جلوو، ڏسان ٿو ہار جهومي ٿو.
اسان جو پيار جهومي ٿو.

مٿان لاهي لباسن کي، سچو نروار جهومي ٿو.
اسان جو پيار جهومي ٿو.

سُرن جي مئڪدي ۾ ڪو جڏهن فنڪار جهومي ٿو.
اسان جو پيار جهومي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄُڳن ڪان جيءَ ويڳاڻو.
الائي ڇا تلاشي ٿو؟

اڏاڻو آسمانن ڏي، وساري آب ۽ داڻو.
الائي ڇا تلاشي ٿو؟

سنياري سڌُ متيءَ جو پسي ٿوڪاڪ جوماڻو.
الائي ڇا تلاشي ٿو؟

وٺي ٿو جام موکيءَ کان، ڏسي ٿو روح ۾ گهاٽو.
الائي ڇا تلاشي ٿو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفر ۾ آ تہ، هر آڪاس کان اڳتي وڃي ماڻهو۔
تہ ماڻهوءَ کي ميڃي ماڻهو.

اثر ۾ آ تہ، هر احساس کان اڳتي وڃي ماڻهو۔
تہ ماڻهوءَ کي ميڃي ماڻهو.

نظر ۾ آ تہ، هر وشواس کان اڳتي وڃي ماڻهو۔
تہ ماڻهوءَ کي ميڃي ماڻهو.

اکر ۾ آ تہ، هر اتهاس کان اڳتي وڃي ماڻهو۔
تہ ماڻهوءَ کي ميڃي ماڻهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳي ڪان اوپرو انبر، اڳي ڪان رات ڀاري آ-
اڳي ڪان رات ڪاري آ!

اسان جو من پکيءَ جهڙو اڳيان بيٺو شڪاري آ-
اڳي ڪان رات ڪاري آ!

پريان ٿوڪ سنڌوءَ مان، ڏسان ٿو ٿوڪ ۾ واري آ-
اڳي ڪان رات ڪاري آ!

هوا جو منهن لٿل آهي، پريان ڪنهن لاٽ ٻاري آ-
اڳي ڪان رات ڪاري آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺي مون پوڻء، انبر ۾ نهاريو يار توکي آ.
پڪاريو يار توکي آ.

رهي ميرو زماني ۾ اجاريو يار توکي آ.
پڪاريو يار توکي آ.

اسان جي عشق جي جلوي، نکاريو يار توکي آ.
پڪاريو يار توکي آ.

اسان جي شاعري کهڙي، اچاريو يار توکي آ.
پڪاريو يار توکي آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪهاڙيءَ ڪي چمي، پِڙهِ نچي ٽونينهنُ زوراور-
وسي ٽومينهنُ زوراور.

اُجي سيراب ٿي ويندي، گجي ٽوشينهنُ زوراور-
وسي ٽومينهن زوراور.

وجي ٿي رات جي راڻي، اچي ٽوڏينهن زوراور-
وسي ٽومينهن زوراور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبر کان انڪار جي-
سارَ سرحد پارَ جي.

هٿَ کي ڳولهي پئي، چيچ ننڍڙي ٻار جي-
سارَ سرحد پارَ جي.

سڪَ مريم جي هئي، چڪ هئي ڪلتار جي-
سارَ سرحد پارَ جي.

گهاءُ هڪ تاريخ جو هڪ ڪهاڻي هار جي-
سارَ سرحد پارَ جي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دراوڙ دل جي تنهائي وصل جو ڪاج ماڻيندي.
جڏهن سوراج ماڻيندي

سُهائي سرخرو ٿيندي ۽ ڌرتي تاج ماڻيندي.
جڏهن سوراج ماڻيندي

متي ارڏن وجودن جي، وڃي معراج ماڻيندي.
جڏهن سوراج ماڻيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳُمهلي ريل ڳُوڪڙ سان، اسان جي دل اجهاٽي آ .
چڱو بس موڪلاڻي آ!

اکين تي ضبط ڪنهن جو آ، اُتي بي روڪ پاڻي آ.
چڱو بس موڪلاڻي آ!

وري ويران اسٽيشن، اسان جي لئه ويڳاڻي آ.
چڱو بس موڪلاڻي آ!

اڃا پيي ڳهاءُ تازو آ، ڪٿا ڪيڏي پراڻي آ.
چڱو بس موڪلاڻي آ!

فنا ٻنو سڏُ تو ڳونجي، اسان جي سڏ وراڻي آ.
چڱو بس موڪلاڻي آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



حياتيءَ جو ڪکائون گهر.
جهڙالي آسمان هيٺان.

ڏسن تا نيڻ اندر ۾ جهڙالي شام جو منظر.
جهڙالي آسمان هيٺان.

پکي وڻ ٽڻ ٻڏل آهن، نه ڪوليو ڪنهن هوا جو در.
جهڙالي آسمان هيٺان.

نه پاڻي آ، نه راڻي آ، ته پوءِ ڪهڙو هلايون هر.
جهڙالي آسمان هيٺان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ازل کان منصور من -
دل درازا روشني.
ڪا بہ مايا، ڪا بہ ڪايا ڪانہ آ.
عشق ۾ مخمور من -
دل درازا روشني.
ڪا بہ هستي، ڪا بہ مستي ڪا نہ آ.
رقص ۾ مسرور من -
دل درازا روشني.
ڪا بہ پِيري، ڪا بہ مِيري ڪانہ آ.
برهہ ۾ مجبور من -
دل درازا روشني.
ڪا بہ مرضي، ڪا بہ عرضي ڪا نہ آ.
بس پوي منظور من -
دل درازا روشني.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڀورو آڪاس.
اورانگهي اڳتي وئي.

يوڳي هوءَ بيزار ٿي، بندش جو بنواس.
اورانگهي اڳتي وئي.

هُن نہ ورتو وهم جي، واهيري جو واس.
اورانگهي اڳتي وئي.

هوءَ وقت جي دانشوري، ذهنن جو افلاس.
اورانگهي اڳتي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ بنا آڪاس-
واويلا وٽڪار ۾.

تارا چارا سوڳ ۾، سڏڪي ٿو احساس-
واويلا وٽڪار ۾.

ٻُڏا ٻيڙا سونهن جا، اونده ۾ اتهاس-
واويلا وٽڪار ۾.

ٻيگهي مَتي ٻاٽ جي، ڳُوماٽو وشواس-
واويلا وٽڪار ۾.

سندوا تنهنجي ساه ۾، واريا سي جو واس-
واويلا وٽڪار ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



جاني! جڳُ امر-
رهہ رهہ منهنجي ياڪرين!

ڪل واريا سا پيچرا، دل جو دڳُ امر-
رهہ رهہ منهنجي ياڪرين!

مرڻ پڄاڻان ڇو پلا!؟ تنهنجي ڏکوا ڳُ امر-
رهہ رهہ منهنجي ياڪرين!

هنڌ، هندورا ٿا ڇون، تنهنجو لڳُ امر-
رهہ رهہ منهنجي ياڪرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ڳچيءَ ۾ ٽڪرو پاتئي، ڳٽُ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ.
گهٽُ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ؟

پنهنجو پاڻ کي ميڙيئي سيڙيئي، پَٽُ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ
.
گهٽ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ؟

پنهنجي اندر جهاتي پاتئي، جٽُ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ.
گهٽ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ؟

ڪيئن متارا! زم زم موهيئي، مٽُ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ.
گهٽ ڏسڻ ۾ آيئي ڪونہ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا جي جِي حضوري تي،
ڪتا آدم جي پوري تي.

جدائيءَ جي پڳل هڏ جي، مسيحائي اڌوري تي.
ڪتا آدم جي پوري تي.

نہ مهڪِي وصل جي موسم، نہ ڪائي رُت انگوري تي.
ڪتا آدم جي پوري تي.

سڄو ادراڪ انبوريون، سڄي ساڃاهہ سُوري تي.
ڪتا آدم جي پوري تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پتڻ تي تيراڪ -
اڻ تارُو اوڙاهه ۾.

سامهون جيڪي صورتون، حيرت جون هيراڪ -
اڻ تارو اوڙاهه ۾.

انديشا لاهي لتا، بيراڳي بيباڪ -
اڻ تارو اوڙاهه ۾.

رائج سڀ ساڃاهه جا، اورانگهي افلاڪ -
اڻ تارو اوڙاهه ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪنهن موڙ ملنداسين-
ڪري هٿ جوڙ ملنداسين.

اسان جو پنڌ پرتي آ، هڳائون هنڌ پرتي آ،
ڪري جاڪوڙ ملنداسين-
ڪري هٿ جوڙ ملنداسين.

هوا جي نانءَ تي ڳهٽ آ، ٻڌو هر ساهه ڪي ٻُٿ آ،
ڪري ڪا ووڙ ملنداسين-
ڪري هٿ جوڙ ملنداسين.

مڪان ڪان لا مڪان تائين، اوهان جا ئي قدم سائين!
سجڻ سر موڙ! ملنداسين-
ڪري هٿ جوڙ ملنداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جا وار ڪاريھر.
اسان جا نيڻ جوڳيئڙا!

اوهان جي لئہ پون ڏارا، اوهان جا پار ڪاريھر.
اسان جا نيڻ جوڳيئڙا!

ڀلا ڪنھن لاءِ نڪرين ٿي، ڪري سينگار ڪاريھر.
اسان جا نيڻ جوڳيئڙا!

وڳي جئن موھہ جي مرلي، نچيا نروار ڪاريھر
.
اسان جا نيڻ جوڳيئڙا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عدم جي گودڙي لاهي.
اچي مل تون حياتيءَ سان.

سنياسي! سُرت سان سارا، فنا جا وسوسا ڊاهي.
اچي مل تون حياتيءَ سان.

پلي تون سمجهه ساميئڙا! ازل ڇاهي، ابد ڇاهي.
اچي مل تون حياتيءَ سان.

اسان جي جسم جي خوشبو اوهان لئه منتظر آهي.
اچي مل تون حياتيءَ سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيءَ جو ساز مان آهيان، حوا مون کي وڄائي ٿي.
خدا بيخود ٻڌي ٿو پيو.

ازل جو راز مان آهيان، حوا کولي ٻڌائي ٿي.
خدا بيخود ٻڌي ٿو پيو.

مٿو آواز مان آهيان، حوا سُر ۾ سجائي ٿي.
خدا بيخود ٻڌي ٿو پيو.

وصل جو ناز مان آهيان، حوا تن من وڏائي ٿي.
خدا بيخود ٻڌي ٿو پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چنڊ ڪڙي يا گهاءُ.
مايا ڪايا جرڪندي

ٻاڪ بدن جي روشني، سجَ سهانو تاءُ.
مايا ڪايا جرڪندي

ٻنيرڪي ۾ ماٽيون، جوڀنَ رُت جو ساءُ.
مايا ڪايا جرڪندي

امرت ڏارا ارپيان، آءُ چنبيلي! آءُ.
مايا ڪايا جرڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجا سڀ گمانَ.
منهنجي سچي ڳالهڙي

منهنجا ’پورا‘ ’روپلا‘، ماڻهو سڀ مهانَ.
منهنجي سچي ڳالهڙي

مون وٽ منهنجي پورھءِ جا، اجرا سڀ نشانَ.
منهنجي سچي ڳالهڙي

وارث مان قرآن جو منهنجا ويد، پرانَ.
منهنجي سچي ڳالهڙي

منهنجي من ۾ روشني، منهنجا سڀ جهانَ.
منهنجي سچي ڳالهڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُڪُ اڃا پيو رتُ.
سنڌ اڃا پيي سوڳ ۾.

وِڇڙي ويا آلاپ سان، سونهن، سُهائي، ستُ.
سنڌ اڃا پيي سوڳ ۾.

وحدت ۽ ويدانت جو، ڪنهن ٻه نہ سمجهيو تتُ.
سنڌ اڃا پيي سوڳ ۾.

سڄَ لهي ڪاڏي وئين!؟ رات ڪيو آ رتُ.
سنڌ اڃا پيي سوڳ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اج ڀہ ڪلاچيءَ ڪُن ۾، مانگر مڇُ مَتو.
پر ڪونهي ڪو مورڙو!

سيني ساهہ مِٽو ڪري، گهر جو ڏيگ وتو.
پر ڪونهي ڪو مورڙو!

ساموندي ساٽيهہ تي، ڪيڏو سڄُ تَتو.
پر ڪونهي ڪو مورڙو!

تاريخ پڇي ٿي پئي، سڀ ڪان ڏسُ پتو.
پر ڪونهي ڪو مورڙو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنگرئي وارا پَير-
پٽر تي ليڪي رکو.

جن بہ لتاڙيو لاش کي، سي سپ ڪارا پير-
پٽر تي ليڪي رکو.

پنهنجون ڪجھ پٽّر اکيون، ڪجھ اڌارا پير-
پٽر تي ليڪي رکو.

اوندھ ۾ ويڙهيل سيئي، ڄارا ڄارا پير-
پٽر تي ليڪي رکو.

سڏڪو ايري رڙ ٿئي، تيسين سارا پير-
پٽر تي ليڪي رکو.

+ يوري پيل جي لاش سان
غير انساني سلوڪ جي ردعمل ۾ لکيل.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڏَ ڀڃن هٿيار سان، ڏانهن نہ ٻڌن سڏُ.
سي پُٽ ڪيئن منهنجا ٿيا!؟

سُک جون ڪن ٿا نوڪريون، ڏک ۾ ناهن گڏُ.
سي پُٽ ڪيئن منهنجا ٿيا!؟

ڏاڍا ٻيهن هٿَ ٻڌي، حُڪم هلائي ڏڏُ.
سي پٽ ڪيئن منهنجا ٿيا!؟

مادر علمي+ ٿي چوي: "جن جو ڪُري نہ هڏُ.
سي پُٽ ڪيئن منهنجا ٿيا!؟"

+سنڌ يونيورسٽيءَ جي ابتر حالتن جو رد عمل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلامي ڳُن جيان آهي-
حياتي با خبر رهجان!

الائي ڪيترا مانجهي، ڪٺي وئي پاڻ سان سانجهي،
پتو تن جو پيو ناهي-
حياتي باخبر رهجان!

ٻُڏي ويا ٻاجهه جا ٻيڙا، رهيون ذاتيون رهيا جهيڙا،
ڇڏيو آ پاڻ کي ڏاهي-
حياتي باخبر رهجان!

برابر سج نڪتو اڀري، صبح جو ٻج نڪتو اڀري،
مگر ڇڏجو نہ دل لاهي-
حياتي باخبر رهجان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم سائين + سنڌ جا! ڪڻندين ڪنڌُ مٿي.
ڏسندين پنهنجي ڏيهہ کي؟

پرکي اتّر پارڪر، ڪاڇو لاڙ گٽي.
ڏسندين پنهنجي ڏيهہ کي ؟

صبحَ سنياليو ڪو نہ تو هاڻي سڄَ لٽي.
ڏسندين پنهنجي ڏيهہ کي ؟

ڇيو راءِ ڏياچ جي، جُهونا ڳُڙهہ جتي:
”ڏسندين پنهنجي ڏيهہ کي؟“

آلاپيندين آڇپو؟ ٽڪبين سُور سٽي!؟
ڏسندين پنهنجي ڏيهہ کي؟

+ سنڌ جي وڏي وزير سان مخاطب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تي وقت اوکو آ-
اسان پر ڇو نہ ٿا سمجهون؟

هُنن جي ور ۾ خنجر آ، هُنن جي مرڪ ڏوکو آ-
اسان پر ڇو نہ ٿا سمجهون؟

اسان جي حال جي هٿ ۾، سياڻي لاءِ جوکو آ-
اسان پر ڇو نہ ٿا سمجهون؟

اسان ڏرتيءَ سِوا ناهيون، اهو سمجهڻ تہ سوکو آ-
اسان پر ڇو نہ ٿا سمجهون؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڊ جو دوزخ ڇڏي-
جاڳ جي جنّت ۾ آ.

وسوسن تي وار ڪر، ڀروسو ڀر ۾ سڏي-
جاڳ جي جنّت ۾ آ.

آسمانن ڪان مٿي، گهر ارادي جو اڏي-
جاڳ جي جنّت ۾ آ.

صبح جي ڪجهه سوچ ڪر، شام جو ويندين لڏي-
جاڳ جي جنّت ۾ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون چو نہ تو جُڳنو ڏسين؟ تون ڪئن چوين تو ٻاٽ ۾:
”تيندي نہ هاڻي روشني.“

تارا بہ ڪن انڪار تا، تون ڪئن چوين تو واٽ ۾:
”تيندي نہ هاڻي روشني.“

تون رات جو مُهرو نہ ٿي، تون ڪئن چوين تو لاٽ ۾:
”تيندي نہ هاڻي روشني.“

ناهي ڏٺو تو جهوڪ کي، تون ڪئن چوين تو ڳاٽ ۾:
”تيندي نہ هاڻي روشني.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جئن جئن ساڙي سج -
تئن تئن تاڻيون پنڌ ۾

جئن جئن ڪارونيار ۾ واڪا ڪري وڄ -
تئن تئن تاڻيون پنڌ ۾

جئن ڪايا جرڪي چوي: "ڀيج ڀنيءَ جو ڀيج -
تئن تئن تاڻيون پنڌ ۾"

جئن جئن ڏُوهَي ڏوهه ڪو جئن جئن ڏاهي ڏج -
تئن تئن تاڻيون پنڌ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِڏيون گوليون هٽائي تي-
جڏهن ييي رات پهچي تي.

ڪُچي جيڪو پُچي جيڪو ڪَنيي ان کي ڪٽائي تي
-
جڏهن ييي رات پهچي تي.

ڪڏهن تي يونءِ تي يونڪي، ڪڏهن جُورون جٽائي تي
-
جڏهن ييي رات پهچي تي.

ٻڍِي قانون ڪي گهُنگهرو نچي ناچو ٻٽائي تي-
جڏهن ييي رات پهچي تي.

"اجا پُنڙو نہ پهتو آ"، سوين ڳٽتيون ڳٽائي تي-
جڏهن ييي رات پهچي تي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سروائي سچي نڪري ـ
تہ ڏرتي جهومندي جاني!

وري پي رات سان جهيڙيون، وري پي سج اڇي نڪري
ـ
تہ ڏرتي جهومندي جاني!

تپايون عشق جي آوي، حياتي ڪا پڇي نڪري.
تہ ڏرتي جهومندي جاني!

مٽيءَ جو عرق ميندي آ، جي آزادي رڇي نڪري
ـ
تہ ڏرتي جهومندي جاني!

ڪجي جي ڳالهہ رهبر جي، نہ هڪڙي پي ڪچي نڪري
تہ ڏرتي جهومندي جاني!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو جوڙي آچپو سو نہ ڪڏھن مرندو.
منڊيلا مرڻو نہ آ.

ڪيڏي ڀي اونڌھ ھجي، ڀھ ڀھ ٿي ٻرندو.
منڊيلا مرڻو نہ آ.

خوشبو خوشبو ڪير ۾ گلَ جيان ترندو.
منڊيلا مرڻو نہ آ.

ھر جُڳ ۾ جُھونجھارڪا، واڪا ٿي ورندو.
منڊيلا مرڻو نہ آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشنيءَ جو آبشار.
جاڳ جهرمر شاعري

سٿَ سٿ ساگر سمان، لهر لهر بيقرار.
جاڳ جهرمر شاعري

مون 'رسالو' پئي پڙهيو رات ۾ هو انتشار.
جاڳ جهرمر شاعري

'پٿَ' ڪري تي پونءَ جي، آجپي جو انتظار.
جاڳ جهرمر شاعري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سزا جي دائرن ۾، ڪيترو ڦِرندو وتان!
ڪيترو مرندو وتان!

خواهشن جي ڪڏَاونهي، ڪيترو ڪِرندو وتان!
ڪيترو مرندو وتان!

اڻ ڏٺا رستا صبر جا، ڪيترو هِرندو وتان!
ڪيترو مرندو وتان!

هن حياتيءَ جي هڏي لئه، ڪيترو ڳِرندو وتان!
ڪيترو مرندو وتان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عقيدن نيٺ ڏنڏلايا، اسان جي جاڳَ جا سپنا !
اسان اڻ ڄاڻ ڇو آهيون؟

اجا ٻُڪ ۾ پيا آهن، سهاني ماڳَ جا سپنا !
اسان اڻ ڄاڻ ڇو آهيون؟

سمهن ٿا واڪ جي هنج ۾، ڏسن ٿا واڳَ جا سپنا!
اسان اڻ ڄاڻ ڇو آهيون؟

وڃن ٿا پوڻ ۾ ڪي وٽندا، ڏين ٿا ياڳَ جا سپنا!
اسان اڻ ڄاڻ ڇو آهيون؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهندا ڪيئن زنجيرَ؟
ڪيئن وساريان بند ڪي!؟

تانڊاڻن تي بندشون! اوندهه منجهه اسيرَ-
ڪيئن وساريان بند ڪي!؟

رات هنبوشيون تي هٽي، تاڻي پيئي تيرَ-
ڪيئن وساريان بند ڪي!؟

چڻ هٿيلا هينئڙا! زوراور ضمير!
ڪيئن وساريان بند ڪي!؟

واڌائي نئين ورهيه جي، وِيچاريان ڪيئن ويرَ!
ڪيئن وساريان بند ڪي!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وھنجو پيا ٿا ڪِير ۾،
تہ بہ مير مان نڪرو نہ ٿا!

جھولن، لُڪن، جَھڪ ڪان پري، ھيجان ھلو ٿا ھِير ۾-
تہ بہ مير مان نڪرو نہ ٿا!

ذھني اپاھج ٿو ڪري، ھوُ ھر نسل تقرير ۾-
تہ بہ مير مان نڪرو نہ ٿا!

اڳتي ڏسو آھيو ڪٿي؟ سامھون تہ آھيو سِير ۾-
تہ بہ مير مان نڪرو نہ ٿا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاٽ سان جهيڙي پئيس، روشنيءَ جي راهه ۾.
زندگي مون سان هئي.

چنڊ جي ويجهو ويس، ٻاک جي ويساهه ۾.
زندگي مون سان هئي.

مان ٽڙيس ٻهڪيس پئي، وصل جي وٽراهه ۾.
زندگي مون سان هئي.

ديسَ دلبر کي جڏهن، مون سنياريو ساهه ۾.
زندگي مون سان هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرويچ! سجاڳيءَ جي، ساڃاهه وڃائي تو!
ڇا ٻُونءِ وڃائيندين!؟

ڪانئر جي ڪمائيءَ جي، ڪئي مدح سرائي تو!؟
ڇا ٻُونءِ وڃائيندين!؟

هُن ساڻ وڏائي آ، هٿَ جوڙ اَجائي تو-
ڇا ٻُونءِ وڃائيندين!؟

واريءَ سان وفاداري، ڏُک ڏُک ۾ لَڄائي تو!
ڇا ٻُونءِ وڃائيندين!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڙهي ويٺو ڏِيل ڪي، جَرڳائِي جَنبورُ!
انڌا ٽاٽا، ڪورٽون!

آرِي ’ڪارِي‘ تي ڪَٽي، اکين منجهه انبورُ!
انڌا ٽاٽا، ڪورٽون!

سڱ چَٽيءَ جي سُور ۾، ٽڙپي ٿو مجبورُ!
انڌا ٽاٽا، ڪورٽون!

سُرَ نہ سرجيا ساٿَ جا، سُڏڪي ٿو تنبورُ!
انڌا ٽاٽا، ڪورٽون!

هٿَ مٿي ايوان جا، پيرن ۾ دستورُ!
انڌا ٽاٽا، ڪورٽون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُڳو ’خاڪي ڪمپني‘، ڦلجي ٿي پيئي!
بک بَچي وئي عامَ کي.

پٽڙ ٻڌندي پيٽَ سان، گذريا جُڳ ڪيئي!
بک بَچي وئي عامَ کي.

امنَ، عدالت جا اجا، ٻُوٽيل در پيئي!
بک بَچي وئي عامَ کي.

هاءِ حياتي لڙڪُ ٿي، ڪيئن وهي ويئي!
بک بَچي وئي عامَ کي.

جاني جيڪي جاڳَ ۾، سُورن ۾ سيئي!
بک بَچي وئي عامَ کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڪجھ ھُجڻ جي ڀوڙَ ۾-
سڀ ڪُجھ اجايو ٿو لڳي.

ھا زندگي ضربيان ڪجي، پر جهَنجهٽن جي جوڙَ ۾ -
سڀ ڪجھ اجايو ٿو لڳي.

رڻ پٽ، نديون، تارا ڪٽيون، تن، من طلب جي توڙَ
۾-
سڀ ڪجھ اجايو ٿو لڳي.

سڀ وقت تي وکرو ٿيا، نعرن جي ھاٺي گوڙَ ۾-
سڀ ڪجھ اجايو ٿو لڳي.

ھڪ پيرُ تي بيهون نہ ٿا، ھڪ پل وطن جي ووڙ ۾-
سڀ ڪجھ اجايو ٿو لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچيو تہ سزائن جِي، ذلت ۾ گذاريون ٿا!
چو نيٺ گذاريون ٿا!؟

آزاد فضائن جِي، قلت ۾ گذاريون ٿا!
چو نيٺ گذاريون ٿا!؟

نابين انائن جِي، علت ۾ گذاريون ٿا!
چو نيٺ گذاريون ٿا!؟

بي روح صدائن جِي، ’ملت‘ ۾ گذاريون ٿا!
چو نيٺ گذاريون ٿا!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترخان تاتارِي ويا.

توں ڪٿئن رهندين اوپرا!؟

هُئي ڪين هِيرن جي هَوس، پر سپ ڪٽي وارِي ويا.
توں ڪٿئن رهندين اوپرا!؟

اُپ تان پکي پرتي نہ ٿيا، ڳُوٽيون پري مارِي ويا.
توں ڪٿئن رهندين اوپرا!؟

هڪ روپَ ئي ماٽي مِٽي، ٻهروپ آزارِي ويا.
توں ڪٿئن رهندين اوپرا!؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وٽ ڪارو ڪَڄُ -
اُن ئي ماڻِي مِيڊِيا!
اگهہ وِڪاڻِي مِيڊِيا!

سِٽَ نہ ڪائي سچَ جي، جنهن وٽ سارو ڪَڄُ -
اُن ئي ماڻِي مِيڊِيا!
اگهہ وِڪاڻِي مِيڊِيا!

جنهن وٽ جهنڊا جرم لئہ نعرو نعرو ڪَڄُ -
ان ئي ماڻِي مِيڊِيا!
اگهہ وِڪاڻِي مِيڊِيا!

ڪُٽم سڄو ئي ڪوڙَجو ڪلُ نظارو ڪَڄُ -
ان ئي ماڻِي مِيڊِيا!
اگهہ وِڪاڻِي ميڊيا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسِيس تہ ڪجھ ايندي، ڪردارُ نئون آهي-
ناتڪ تہ پراڻو آ!

ها ڪجھ تہ شهادت جو اسرار نئون آهي-
ناتڪ تہ پراڻو آ!

بي فيض جمهوريت جو اقرار نئون آهي-
ناتڪ تہ پراڻو آ!

بندوق رکي پهتو بمبار نئون آهي-
ناتڪ تہ پراڻو آ!

اي سنڌ امان! توتي، هر وارُ نئون آهي-
ناتڪ تہ پراڻو آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

 

# صاحب خان "سورھ" ميراڻي

**Cell No: 0344 - 3919786**

**Cell No: 0300 - 3404488**

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

Soorih Sindhi Adab

واٽس ايپ گروپ

خاموشيءَ ۾ هلڪو ڪڙڪو ڳالهائي ٿو:
”دَمُ ٿو گهُٽجي، ڪوليو“. ڪمرو ڳالهائي ٿو.

تنهنجي پاڙي گهر جا ماڻهو ڪيڏا اڻ ڄاتل،
مون سان تنهنجي گهر جو رستو ڳالهائي ٿو!

”جنگ بقا جي وڙهندي ويو هُو بي گهر هوندي“
سُتل گهر وارن سان ڪتبو ڳالهائي ٿو.

پيار، وفا، ماڻهپ جون ڳالهيون: گونگيون ڳالهيون،
ماڻهوءَ جي مايا جو رتبو ڳالهائي ٿو.

جانيءَ جو جوڀن تاسارو آهي، تڏهين -
حق بخشايل ناريءَ جهڙو ڳالهائي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ - نهارون اڳتي، ڇو نعرا ٽڪجي پيا! ؟
ڇو هِي بيٺي اُپ - پيرين جهنڊا ٽڪجي پيا!؟

ڪٿن تون منهنجي من جي پيڙا ڄاڻي سگهندين،
ڏِس ته اکين ۾ آهن اوجاڳا ٽڪجي پيا!

مان ته اُڃاميو ناهيان تنهنجي اوسيئڙي ۾،
ڇا هَي جي پرندي پرندي ڏيئڙا ٽڪجي پيا.

ٻوٽيل نيڻَ مسافر جا ڪنهن کي تا ڳولين؟
ڇو سندس پيرن ۾ آهن رستا ٽڪجي پيا؟

ڪو به نه پنهنجي اندر جو ٽڪُ پڇي سگهندو،
جي ساپيا جي ڳولا ۾ سپنا ٽڪجي پيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪندي گذري وڃڻ، ڇا معنيٰ؟
وکَ وک رڪجي پوڻ، ڇا معنيٰ؟

جيئن اُٿيس پٺي تو چيو: ”ويهو گهڙي“
مون چيو: ”پوءِ چپ رهڻ ڇا معنيٰ؟“

ڇرڪندي مون کي ڏٺئي، جيئن مون پڇيو:
”بندِ نيڻن سان ڏسڻ ڇا معنيٰ؟“

تو چيو: ”سپنا بہ ساڀيا ٿيا ڪڏهن؟“
مون چيو: ”تنهنجو ملڻ ڇا معنيٰ؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا بہ اڄ، رڃَ، رات آهي،
اجا بہ باندي فرات آهي.

پسان ٿو مان باکَ رنگ تو ۾،
تڏهن تہ تنهنجي بہ تات آهي.

ڪڏهن تہ آهي پها بہ رکندي،
ڪڏهن ڏنگيندي بہ ذات آهي.

بهار ۾ بيقرار هيئنڙو
اداس ڪويل جي لات آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهر جو ڍڪ پي ويو هُئم مرڪندي،
الوداع توکي چيو هئم مرڪندي

هجر جو خنجر لٿل هو روح ۾،
سانت ۾ سڏڪي پيو هئم مرڪندي

مون تہ پنهنجي روح ۾ مسجد ڏٺي،
مان تہ مندر ۾ ويو هئم مرڪندي

حال دل جو ڪنهن نہ ڄاتو هو پرين!
مان تہ محفل مان اٿيو هئم مرڪندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا صدين جي اڄ آهي، آءُ نيڻن ۾،
تنهنجو آهي جو ٻہ آهي گهاءُ نيڻن ۾.

او مسافر! پيار جا پل تو ڪڏهن پورگيا؟
تو ڪيو محسوس ڪو ٽڪراءُ نيڻن ۾؟

گل، خوشبو، ٽهڪ ۽ سپنا ٻہ سرجن ٿا،
ٽوٽي آهي حالتن جو تاءُ نيڻن ۾.

سخت لهجا، فاصلا، ٿوهر ڦُٽي پوندا،
جي رکيو ڪنهن پيار جو پڇتاءُ نيڻن ۾.

اي هوا! آهستي گُهل بارود جي پرسان،
مون ڏٺو آ آڳ جو ڦهلاءُ نيڻن ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منَ ۾ ٿاڪ تنهنجي نيڻن جا،
چپ هيراڪ تنهنجي نيڻن جا.

رازسرجيا نہ، سي بہ ڄاڻن ٿا،
ڇا تہ ادراڪ تنهنجي نيڻن جا!

باک جي ڇهري کي اوس چمندا،
جن کي بہ چاڪ تنهنجي نيڻن جا.

آءُ مفلس ۽ شهر تنهنجي ۾،
ڪيترا واڪ تنهنجي نيڻن جا!

جهول گدلي ۾ ڪٿن جهلي جاني!
لڙڪَ سپ پاڪ تنهنجي نيڻن جا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوري سوچي پئي: ڇاهي لٺو!؟
چنڊُ پيرانديءَ سندس آهي لٺو.

عشق جو ساگر هو هُن جي ٻُڪَ ۾،
هُو جڏهن هر خوف کي لاهي لٺو.

هُو اُڃايل ئي اڏاميو اُتِ ڏي
۽ مقدّر کي وڃي ڊاهي لٺو.

مون تہ ماٺي آمنيءَ جي روشني،
ڪو صحيفو مون مٿان ناهي لٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشنيءَ جو خواب ويو ڏنڊلائجي،
۽ مٽيءَ جو خواب ويو ڏنڊلائجي.

مرڪندي ھُن ھٿ ملايو ھو اچا،
دوستيءَ جو خواب ويو ڏنڊلائجي.

ٻن چپن جي وچ ۾ وِيري رھي،
ھڪ چميءَ جو خواب ويو ڏنڊلائجي.

گھڙ سجوئي رات جھوميو ڪاچ ۾،
۽ گھٽيءَ جو خواب ويو ڏنڊلائجي.

مان ضرورت جي پٺيان رلندو رھيس،
دل لڳيءَ جو خواب ويو ڏنڊلائجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت توسان وفا ڪري ٿا وڃون،
تهمتون پاڻ تي ڏري ٿا وڃون.

هوءَ هڏڪي مٿان ٻڌي نہ سگهي،
هڪُ سڏڪو پلا پري ٿا وڃون.

ڏَسُ اسان جو مٿي ڏئي نہ ڏئي،
پاڻ آڪاش ڪان پري ٿا وڃون.

زندگي موت جي سواري آ،
سا سواري اسان ڪري ٿا وڃون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي دليو ئي دل لڳيءَ جو جام ڏي،
ڏي اسان کي بي رخيءَ جو جام ڏي

هوش جو خنجر لٿل آ روح ۾،
رقص ڪر ۽ بيخوديءَ جو جام ڏي

ازل کان مان اُڃ جي اونداهہ ۾،
ڪو تہ مون کي روشنيءَ جو جام ڏي

ڊائريءَ ۾ رک سدائين پنکڙيون،
پر ڪويءَ کي پي چميءَ جو جام ڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو کان سوا ڪنهن جام جي جنّت نٿي گهرجي،
ڪنهن مئڪدي جي شام جي جنّت نٿي گهرجي.

مزدور هان مان رزق جي ڳولا ۾ خوش آهيان،
محنت سوا ڪنهن طعام جي جنّت نٿي گهرجي.

دوزخ بدن جي بُکَ جو مون کي اکين تي آ،
ڪنهن حُور ڪنهن گلفام جي جنت نٿي گهرجي.

منهنجي چميءَ جو گيت منهنجي يونءِ لئه آهي،
مون کي تہ ڪنهن الهام جي جنّت نٿي گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيٺ ڪهڙي پار ڏي ڪاهي بدن؟
ڪيستائين اڄ سان ساهي بدن؟

روشني، خوشبو مٽي، بارش، هوا،
سوچ ۾ آهيان تہ ڇا آهي بدن؟

چنڊ مُورکُ سڄَ ڪي گهُوري پيو
بانوريءَ جو ڇو نہ ٿو چاهي بدن؟

دل نئين سِر ٿي سرابن ڏي وڃي،
هوءَ سامهون ٿي اچي ٺاهي بدن.

جو مسافر روح جي ڳولا ۾ آ،
سو مسافر پاڻ تان لاهي بدن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن انا کي رکيو سجائي آ،
عشقَ کي تنهن ڇڏيو وڃائي آ.

زندگي! تو سڏيو ڪٿي هوندو
دل اجائي ٿڪِي ڪنائي آ.

خواب! توکي تلاش ڪنهنجي آ؟
جاڳ توکي ڇڏيو ڀُلائي آ.

هيءَ هاڻي ته خاڪ ٿي اڏري،
جسمُ جانيءَ ڇڏيو جلائي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جون پويون گهڙيون ۽ سانت،
ياد جون ڳيتون ڪڙيون ۽ سانت.

وحشين جا اُڀَ ڏاريندڙ ٽهڪ،
نينگري: ٻڪون، رڙيون ۽ سانت.

هُن چيو: ملندين؟ ڪڏهن؟ ۽ مون چيو:
”ها جڏهن اوندهه ترڙيون ۽ سانت“

روپلي بابت پڇن ٿا لانگ بوٽ،
سنڌ: ڦٽڪا، هٿڪڙيون ۽ سانت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون اسان کي ايئن مٿي! پلجي وئي آهين،
جڻ تہ ڪو سپنو ڏسي پلجي وئي آهين.

هنڌ تان اٿندي تو پنهنجا وار ٺاهيا ها،
ٽڙ تڪڙ ۾ پر سڀڳي پلجي وئي آهين.

ڪنهن اجاتي خوف کان تو نيڻ ايئن ٻوٽيا،
جڻ تہ ڪنهن جو خط رکي پلجي وئي آهين.

ڇوڪري! او چانو جهڙي! ڳالهہ آهي ڪا،
جو مٿان اچ ڏرتتي پلجي وئي آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُونءِ کي ٻاڪرُ ٻريو ٻاڳا نہ ٿيو
ڏاڍ جو ڏونگر ڏريو ٻاڳا نہ ٿيو.

سوچ کي ارپيو ڪشادو آسمان،
پيرَ ڌرتيءَ تي ڌريو ٻاڳا نہ ٿيو.

ڪا بہ اونداهي سدا رهڻي نہ آ،
چاڻ ڪو ڏيئو ٻريو ٻاڳا نہ ٿيو.

سڀُ ڄاڻيءَ کي اچي گوليون هڻو
لاش تي ڳالهيون ڪريو ٻاڳا نہ ٿيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ڏي ڪاهي تہ ڏي اجرو بدن،
رات سان ساهي تہ ڏي اجرو بدن.

هيءَ حياتي شڪ ۾ ڪاري نہ ڪر،
ڀروسو آهي تہ ڏي اجرو بدن.

ڇو ٽنگيو ٿِي بي رخيءَ جي تار تي،
سانوريا لاهي تہ ڏي اجرو بدن.

بي دليو ايندي نہ ڪر تون ڀاڪرين،
دل جڏهن چاهي تہ ڏي اجرو بدن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير ڀوڳي زندگيءَ تائين سفر،
ٻي رخيءَ کان ٻي رخيءَ تائين سفر.

خود فريبيءَ ۾ ڪيو آهي اسان،
هڪ صديءَ کان ٻي صديءَ تائين سفر.

ڀٽڪندي گم ٿي وڃان ٿو ڌنڌ ۾،
جي ڏسان ٿو دوستيءَ تائين سفر.

مان ڇڏيان ٿو خودڪشيءَ جي خيال کي،
بس ڪيان ٿو هڪ چميءَ تائين سفر.

ٿڪ ۾ هان، ننڊ ٿي مون کي اچي،
پر ڪندس مان روشنيءَ تائين سفر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو چيو هو: ”زندگي سنڀالجان“
”درد آهي روشني، سنڀالجان“

هڪ صدي گذري وئي آ هجر ۾،
اي اجارا! ٻي صدي سنڀالجان.

خواهشن جي باهہ تي پڙڪي پئي،
اي ڪوي! تون شاعري سنڀالجان.

ڳولجان نہ ڇانورو آڪاش جو
ڀاڪرن ۾ ڏرتتي سنڀالجان.

چنڊ ڪنهن جي ڳهاءَ کي ڏڪي نہ تو
جي مٽي! پوي ڪِڙي سنڀالجان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانجهيءَ ٽاڻي نيڻ ڀرن ٿا،
تانگهي، ٽاڻي نيڻ ڀرن ٿا.

هوءَ تہ آهي ڄَر- ڄراٽيون،
هُن کي ماڻي نيڻ ڀرن ٿا.

روح اڱي اونداهو گهر هو
جنهن ۾ هاڻي نيڻ ڀرن ٿا.

عڪس بلاول جو اڀري ٿو
جڻ ڪنهن گهاڻي نيڻ ڀرن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڏُ چلڪي ٿو ڏات جهومي ٿي،
چنڊُ، ڪينجهر ۾ رات جهومي ٿي.

چپ راڳي، غزل بدنُ هن جو
جام ۾ ڪائنات جهومي ٿي.

جسم مهڪن گلاب وانگر ٿا،
جيستائين ٻه تات جهومي ٿي.

ڪنهن ڪليسا، مندر نه مسجد ۾،
مئڪدي ۾ حيات جهومي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُن سوا سَرندي، نہ مون سوچيو هيو
دل ٻُڏي ترندي، نہ مون سوچيو هيو.

دل ۾ رسمن لئہ بغاوت هئي مگر،
مات ۾ مرندي، نہ مون سوچيو هيو.

حالتن جي ٻاٽ ۾ گم ٿي ويس،
لاٽ ڪا ٻرندي، نہ مون سوچيو هيو.

وقت هُن جي ياد کي ميٽي ڇڏيو
هوءَ وري ورندي، نہ مون سوچيو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻُ آهين، ڇو گهٽي پوري ٿئي؟
موڙ تائين زندگي پوري ٿئي.

تون اسان جي گهاءَ کي ڏسجان ڪٽي،
جيڪڏهن ڪا بي رخي پوري ٿئي.

جسمُ اڇليو ٽڪَ جي آڙاهہ ۾،
شهر جي ڪجهہ روشني پوري ٿئي.

عشق جي ڪيڏي انوکي ڇڪَ آ
ڪير چاهيندو ڇمي پوري ٿئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوا پرينءَ جي جڏهن بہ گذري، سڄي حياتي اداس گذري،
جڏهن بہ سوچيم تہ سَٽَ اِيري، سڄي حياتي اداس گذري،

ڪڏهن جدائي جي جاڳ ساڙيو ڪڏهن اميدن جي آڳ ساڙيو
نہ ڏينهن جهوميو نہ رات اجري، سڄي حياتي اداس گذري،

سدا سرابن جو رڻ جهاڳيو رهيو ٽياسن تي روح ساڳيو
سدا اڃارن تي اڃ الري، سڄي حياتي اداس گذري،

زمين جنهن کي ڪيو نہ پنهنجو نصيب جنهنجو نہ آسمان هو
نہ پنڌ ممڪن هئو نہ اڏري، سڄي حياتي اداس گذري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهشن جي ٻوڙ ۾ ٻُڪي سگهيس نـ مان،
ها سڄو ٽُٽي پيس، جهُڪي سگهيس نـ مان.

ڪنهن بـ هٿ اُپو ڪري خنجر هنيو نـ آ.
تنهن ڪري آواز ڪو ٻُڌي سگهيس نـ مان.

ساپيا جو سڏ هو گونجي هليو ويو
خواب جي اکين منجهان کُلي سگهيس نـ مان.

پَرَ گَٽي ضرورتن ڦٽي ڪري ڇڏيو
پو ڪڏهن زمين تان اُڏي سگهيس نـ مان.

جنهن ڪري هماليا تي اک نٽَي ٻُڏِي،
تنهن جڏهن ڏکو ڏنو اُٽي سگهيس نـ مان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمي وئي جبر جي آمڙ بدن تي، تون ڪٿي آهين؟
هلي ٿو حادثن جو هَر بدن تي، تون ڪٿي آهين؟

هلي آ بخملي هٿڙن، چپن سان ڪر مسيحائي
لڳي واسينگ ٿو هي وڙ بدن تي، تون ڪٿي آهين؟

نہ خوشبو ٿي اچي مون ڏي، نہ برسن رنگ ٿا مون تي
سجايان ڪيترو مان بَر بدن تي، تون ڪٿي آهين؟

محبت جي گلابن کي انڌيون رسمون لتاڙن ٿيون
مٿان تعزير ڏي ٿو گهر بدن تي، تون ڪٿي آهين؟

زماني کي خبر ڪهڙي تہ ڇاهي عشق ۾ جاني!
ڪُلي ٿو نُور جو هر دُرُ بدن تي، تون ڪٿي آهين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحرا جهاڳي گهر لئہ پاڻيءَ لپ کڻي آئي آ،
پاڻياري پر پنهنجا پياسا چپ کڻي آئي آ.

ڪيئن پريمي ڏانهن کڻي وئي گهر جي چيڪي مٽي،
موتي آهي هوءَ تہ گهر ۾ گپ کڻي آئي آ.

ڪوتا مان خوشبوءِ اچي ٿي ڪيڏي خودداريءَ جي،
۽ بدڪار سياست ڪيڏي ڏپ کڻي آئي آ.

منُ مسافر موسيٰ وانگر، پنڌُ عصا آهي،
ڇاهَي جي فرعوني دنيا سپَ کڻي آئي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِي نيڻ مون کي ڳوٺ کان آيل مسافر ٿا لڳن،
ڪنهن سانوريءَ جي مرڪ جا گهايل مسافر ٿا لڳن.

ڳوليندي ڪنهن جي عڪس کي گم ٿي وڃن ٿا جام ۾،
مرڪن بہ ٿا، سڏڪن بہ ٿا، پاڳل مسافر ٿا لڳن.

”پاڻي ڏيو جلدي“، چيو پوڙهي اجاري، پٽ کي:
”بيٺا تڪن ٿا تلَ کي بادل مسافر ٿا لڳن.“

ٿڌڙي هوا، بارش هئي، موهن پڳٽ هو وجد ۾،
ڪنهن پِٽَ تان گونجي صدا: ”هي پل مسافر ٿا لڳن.“

جوڀنَ بدن جي چانوري ۾ شام جو گلشن حديد،
تو ٿيڙ ڪائي سڄُ ۾ پيتل مسافر ٿا لڳن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لانگ بوٽن کي ڪٽو تارون ڪٽو ڪي گل رکو
سرحدن تان سڏڪندڙ سارون ڪٽو ڪي گل رکو.

هر طرف وحشي روين جي اجا اُوناڙ آ،
هي ڪهاڙيون، تير، تلوارون ڪٽو ڪي گل رکو.

ٻُونءِ مايا - ٻوجهه ۾ مُورک! متان ديجي ويجي،
اُن متان، ماڙيون ڪٽو ڪارون ڪٽو ڪي گل رکو.

امنَ جي احساس کي آڪاس تي اڏرڻ ڏيو
هير تان، هٻڪار تان ڄارون ڪٽو ڪي گل رکو.

چنڊ ڄاڻي، سمنڊ ڄاڻي ٻي رکيءَ جي گهاءَ کي،
ويج کي پاسي ڪيو دارون ڪٽو ڪي گل رکو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا مرڪ، ٿهڪُ ڪونهي، ويرانُ ڳوٺ آهي،
پر پو بہ پوڳنا جو درمانُ ڳوٺ آهي.

ڪاڏي پکي اڏاڻا، وڻ ٽڻ اداس آهن،
ڪاڏي خوشي هلي وئي حيرانُ ڳوٺ آهي.

ڪيڏو ڪٽي بہ پنڪان مان شهر جي گهٽين ۾،
پر عشق جو ازل کان ارمانُ ڳوٺ آهي.

سمجهي نٿو غداري جا ديس سان ڪري ٿو
سمجهي پيو وڏيرو دربان ڳوٺ آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪير آ مسافر، جيڪو پڇي نٿو
هي پنڌُ جستجو يا دوڪو پڇي نٿو.

هُن جي وفا تي آڱر ڪٽجو نہ رهبرو!
جو ماڳ جو اوهان ڪان رستو پڇي نٿو.

ڪنهن ڇانوَ ۾ تہ هاڻي ويهي رهو اکيون،
هاڻي تہ ڪو اوهان جو سپنو پڇي نٿو.

ٻُرڪي نہ لوڻ ٿو ڪا مرهم نٿو رکي،
سمجهي ٿو بي رخيءَ جو صدمو پڇي نٿو.

اُن ڪي ڪُلها، پٽاڙا، هٽ، پيبر تا ڪپن،
هي شهر آهي، ڪنهنجو چهرو پڇي نٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وصل جي خواهش اندر ڏڙڪي وڃوڙو ٿو
جئن اجهامي ٿو اڱر، پڙڪي وڃوڙو ٿو.

وقتا! واڳونءَ وانگيان تون ٿيءُ نـ بي صبرو
ڏس مزي سان ڪئن پيو رڙڪي وڃوڙو ٿو.

اي ڊسمبر رات! تو ۾ سڄُ ٿي ايران،
پر ڪجي ڇا روح ۾ ٿڙڪي وڃوڙو ٿو.

نرم نازڪ خواب ٿڪجي ڇانوَ ۾ وينا،
ساپيا جي وڻَ ۾ لڙڪي وڃورو ٿو.

خود فريبيءَ جي هوا جاني نٿو سمجهي،
زورسان هُن منجهـ ئي ڪڙڪي وڃوڙو ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشن صبح جي آرزوءَ جو ڪول در،
اُت اُت، مسافر، جستجوءَ جو ڪول در.

هيءَ مات خنجر تي لهي ٿي روح ۾،
اي هير! گهل ڪو گفتگوءَ جو ڪول در.

بس بس گهٽي ٿي آ ملامت عشق تي،
اي ديس! هاڻي آبروءَ جو ڪول در.

ڌرتي اجاري ديس جي ڌانهين پئي،
ڪڻ ڳاٽ ڪي ڳيرو لهوءَ جو ڪول در.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معمول حياتيءَ جو گذري تہ غنيمت آ،
روشن نہ ڪري سورج، اڀري تہ غنيمت آ.

هڪ عمر وئي گذري اونداهہ سان جهيڙيندي،
هڪ پل بہ حياتيءَ جو اُجري تہ غنيمت آ،

ڪيڏو تہ اُبس آهي ويساهہ جي اُپ تائين،
پر پو بہ پکي دل جو اڏري تہ غنيمت آ.

مون ڏانهن ٿئين مائل لازم تہ مٿي! ناهي،
احساس محبت جو اسري تہ غنيمت آ.

آڪاش منجهان تارا لاهي نہ سگهيو جاني،
هاڻي تہ رڳو صحرا اڪري تہ غنيمت آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا ٻہ ڪاري نہ آ، رات سپنو ڏٺو
بندِ ناري نہ آ، رات سپنو ڏٺو.

ڪو اُجارو پکي مئڪدي ۾ لٿو
ڪو ٻہ ماري نہ آ، رات سپنو ڏٺو.

ڪو ٻہ گهاٽو نہ آ، ڪا ڪهاڙي نہ آ،
ڪا ٻہ آري نہ آ، رات سپنو ڏٺو.

گهر اڏارو نہ آ، ڀر اجارو نہ آ،
ڪا ٻہ واري نہ آ، رات سپنو ڏٺو.

ڪنهن ڪٽي نيڻ ڪجرا چيو چنڊ کي:
"سنگباري نہ آ"، رات سپنو ڏٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشني طلبي نٿي، اونداهه مان گذري وڃي ٿي،
عشق ۾ خوددار دل هر راهه مان گذري وڃي ٿي.

ابتدا ۾ سانوري، جا هٿَ تري ساڙي سگهي ٿي،
انتها ۾، عشق جي آڙاهه مان گذري وڃي ٿي.

گُل، ڪبوتر، مور، پوپٽ، پارڙا ٻُنجي وڃن ٿا،
ڪا بہ گولي جي عبادتگاهه مان گذري وڃي ٿي.

اڄ بہ وِيٺو هٿّ سيڪي ٿو اهو ميهار ساڳيو،
اڄ بہ سهڻي باهه جي درياهه مان گذري وڃي ٿي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي رُخيءَ جو خيال پوڳي ٿو
ڪير آهي؟ سوال پوڳي ٿو.

حسن تي حرف ڪو نہ ٿو آڻي،
عشق مُرڪي ملال پوڳي ٿو.

هر اجارو وجي ٿو زم زم ڌي،
قطرو قطرو ڪلال پوڳي ٿو.

اي ستارو غرور ڇا جو آ!؟
نيٺ سج ڀي زوال پوڳي ٿو.

قرضَ ٻيحس ڪفن ڇڪي ورتو
رزقُ جاني! حلال پوڳي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀروسي جو مزو چکي ڏسجي،
هٿ وڇوڙي تي ڀلا رکي ڏسجي!

ڏرتتيءَ روح کي جلايو آ،
شام ڏسجي تہ ڪو ڀکي ڏسجي.

رات ڪاريءَ جي ورد کي روڪيو
رک وساٽل منجهان ٻکي ڏسجي.

جنهن جنم ۾ پيا نہ اڇٽو آ،
تنهن جنم کي بہ ڇا سکي! ڏسجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روز ٻرندڙ مامرن ۾ ڪئن ٿو ماڻهو جلي،
موت جي منهن ۾ پيو آ، ڇا حياتيءَ سان هلي.

بدگمانيءَ جي هوا ۾ ساهه ڪيئن گڏجي کڻون،
ٻن وکن تي ٻي رُخي بيهِي رهي ٿي دڳ جهلي.

جسم کي آرام ڪونهي روح جي سنسار ۾،
جسم پر اهڙي حقيقت جي سلي ڪنهن سان سَلي.

هوءَ هاڻي ٻي ڏسي ٿي، پر سڃاڻي ڪين ٿي،
پر نہ جاني جِي سگهي ٿو هن ڪان هيئنڙو پلي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ تان اٿي اچو ويساهه جوڙجي،
ڳوڙها اگهي اچو ويساهه جوڙجي.

پاسو ڪري انا ڪان عشق ڏي اچو
مرڪي جهڪي اچو ويساهه جوڙجي.

’ڇرپيلي‘ چاهه ڪي ساڙي نه ٿي سگهي،
اُن منجهان ڪڏي اچو ويساهه جوڙجي.

هر ڪو پري پري آ ذات جي ڪري،
ويجهو سُري اچو ويساهه جوڙجي.

درياهه ٿو سڪي ۽ ساهه ٿو ٻڏي،
جاني ٻڪي اچو ويساهه جوڙجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دردا! قرب تنهنجا، جو ساٿ تو نڀايو
ٿڪن ڦٽي ڪيو جئن، لڙڪن ۾ تو لڪايو.

هر گل جي پنهنجي خوشبو، پنهنجو نرالو درشن،
فطرت چنو اهو گل+ جو ساهه ۾ سمايو.

بي رحم منظرن جو انڌو هجوم آهي،
هي ويڄَ، اسپتالون مون کي نه ٿي ڀڏايو!

جنهن وقت تو سڏيو پئي، مصروف ٿي رهيس مان،
هاڻي پيو ٿو سوچيان ڇا آهه مون ڪمايو!

مون کي سزا ۾ سڏڪن جو قيد ڀوڳڻو آ،
منصف کي مون چيو آ، منهنجي سزا وڌايو.

+حسين اياز(2010ع-2002ع)جي سوڳ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ ڪينجهر هئا، چپ گلابي هئا،
بخت نابين هوا وقت نابين هوا

هُن لتاڙيا هئا، ساهہ ساڙيا هئا،
تخت نابين هوا وقت نابين هوا

لاٽ ۾ دم نہ هو ٻاٽ جو غم نہ هو
سخت نابين هوا وقت نابين هوا

ماءُ بيوس برن منجهہ سڏڪي پئي،
لخت نابين هوا وقت نابين هوا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمندبُ جون لهرون، هوائون رقص ڪن ٿيون،
جئن مٺي! تنهنجون ادائون رقص ڪن ٿيون.

هَلُ ننگي پيرين هلون ٿا سجَ هيٺان،
هلُ ڏسون ڪنهن جون وفائون رقص ڪن ٿيون.

ناز مان جئن پير ڌرتيءَ تي رکين ٿي،
تئن مٿيءَ جون ماترائون رقص ڪن ٿيون.

اڄ پُٽن سيني ڪنيا پٿر هٿن ۾،
ماءُ جيجل جون دعائون رقص ڪن ٿيون.

تنهنجي ڪارن وارن تائين پهتاسين،
پرهه ڦٽيءَ جي چارن تائين پهتاسين.

تڙ گلابي چپ تي هو يا چنڊ ڪڙيو
ڏسندي ڏسندي تارن تائين پهتاسين.

ويچارن وهمن جا رستا ورڙيندي،
اناالحق جي نعارن تائين پهتاسين.

اڳتي ڪهڙي منزل آهي ڳولا جي؟
موهن جي آثارن تائين پهتاسين.

هُلَ هنگامن ڪي اورانگهي ڪيئن الائي،
گهر تائين ۽ ٻارن تائين پهتاسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدم قدم تي گلاب رُت جا ڪي ڪيت ڪيڙي ڪيان مان صدقي،
اي سنڌ! توتي، ٻنهي جهانن جي سونهن ميڙي ڪيان مان صدقي.

سڄي حياتي فضول نعرن، غلام سوچن جي ور چڙهي وئي،
نون سُرن ۾ نئين حياتيءَ جا گيت ڇيڙي ڪيان مان صدقي.

جڏهن بہ ڳهاٽي ۾ هڏ ڌاڳونجن ۽ روح تائين ڪي سڏ ڌا ڳونجن،
تہ دل چوي ٿي وطن مٿان تاج، تخت ٽيڙي ڪيان مان صدقي.

اڳيان جبل آ، جبل جي پوپان اسان ڪي منزل تڪي پئي ٿي،
زنجير ٽوڙي گُمان شڪ جا، وجود جهيڙي ڪيان مان صدقي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ، سُپان جا خواب پاڻيءَ ۾،
اَڄ ٻوڙيا عذاب پاڻيءَ ۾.

گڄَ، گجرا، چلا، مُنڊيون، چوڙيون،
ٿهڪ، ياڪر، گلاب پاڻيءَ ۾.

ٻارڙا ڪيمپ ۾ وجي پهتا،
بوٽ، ٿيلها، ڪتاب پاڻيءَ ۾.

سونهن ڪيڏي اپاڻڪي آهي،
چنگ، مرليون، رباب پاڻيءَ ۾.

هُو ترن ٿا گناهه جي ٻل تي،
منهنجا سجدا، ثواب پاڻيءَ ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساھہ بدران ٻوڏ کي رستو مليو
سنڌ جو ماڻھو تہ ڇڻ سستو مليو!

تير، کا تلوار کو خنجر نہ ھو
لھر ۾ لڙھندو تہ گلدستو مليو.

ھُو تہ ھُن کي تخت تا سمجھن پيا،
ھو نہ تا سمجھن تہ کو تختو مليو.

ٿھک گھُنجي ويا سمورا ڳوٺ جا،
بند تي جئن سڏکندڙ بستو مليو.

”ذلتن مان سنڌ گذري ٿي پئي“
کيمپ جو احوال سربستو مليو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلدار ڏار ٿيندا، منٺار+ ڏار ٿيندا،
سوچيو نہ هو سفر ۾ اهڙا بہ وار ٿيندا.

بيچين روح رڙندو سڙندو گهٽي گهٽيءَ ۾
نڙندا نہ ٿهڪ پاڪر، چپڙن ۾ ڏار ٿيندا.

هوريان بہ ڪڙڪندو در، تہ بہ ديد تيز ٻڪندي،
ڪنهن کي ڏسي نہ در تي، حيران يار ٿيندا.

"مونکي نہ تو سجاتين مان شاعري هان جاني!
وچڙي ويو آ دلبر اٿيا تہ وار ٿيندا."

+دلبر دوست منٺار سولنگيءَ جي ياد ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد جي چولي هَلي آئي هئي،
روح ۾ هولي هلي آئي هئي.

آجيان جنهن هئي گلابن سان ڪئي،
تنهن ڏي ئي گولي هلي آئي هئي!

ننڊ لئہ بيچين پُنڙي کي ڏسي،
ماءُ جي لولي هلي آئي هئي.

گودڙي لاهي چڏي مون گهرج جي،
ڀُڳَ ۾ جهولي هلي آئي هئي.

ڪو عقيدو حد نہ اورانگهي سگهيو
ڀهڪندي ٻولي هلي آئي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن ڇئجي سيءَ ۾ ٺٺڙڪي نٽي،
جيڪڏهن ڪا باهه پيي پٽڙڪي نٽي.

هوءَ شرافت جي ٽپي ٽي پلصراط
رُڪ چبي ٽي ريوڙي رڙڪي نٽي.

دل ڪڏي اچلائجي ڪانون اڳيان،
هيءَ هاٽي پيار لئه ڏڙڪي نٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق دل ۾ اکين ۾ شرم تي رکي،
باھ ڀڙڪي پئي پر ڀرم تي رکي.

هوءَ هندوري ۾ ويهي ٻه ٻڏتر ۾ آ،
نيت لاچار وچ ۾ ڏرم تي رکي.

رسم موجب تہ ڇوڙو قبولي پئي،
رسم موجب تہ لهجو نرم تي رکي.

روز گذري پئي سردخاني منجهان،
ڪٿن الائي تہ دل کي گرم تي رکي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپنا سارا ڪوهيڙي ۾،
جهنڊا، نعرا ڪوهيڙي ۾.

اڄ ٻيو اورنگزيب اڳيان آ،
سرمد، دارا ڪوهيڙي ۾.

اونداهيءَ ڪي اُڪري آيا،
ٻٽڪيا تارا ڪوهيڙي ۾.

ڇمڙن جا ڇرڙات اڇن ٿا،
۽ يڪتارا ڪوهيڙي ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ڏاري تہ مان هليو ويندس،
ڪنھن ڪناري تہ مان هليو ويندس.

مان جيئڻ جي گھڻي ڪندس ڪوشش،
پاڻ ماري تہ مان هليو ويندس.

تون هجين ها تہ روح موکي ها،
ڪنھن سھاري تہ مان هليو ويندس.

ياد تنھجي متان ڇڪي مون کي،
جڳ وساري تہ مان هليو ويندس.

هر هوا کان سنڀالجو جاني!
لاٽ ٻاري تہ مان هليو ويندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روز ٿـو پـاڻ سـان مـلان سـاڳـيـو،
لڙڪ پاسي ڪري ڪلان سـاڳـيـو.

پروسو ماس ٿو ڇـنـي منـهـنـجـو
پٽڪندو روح ٿـو ڏسـان سـاڳـيـو.

پير پڪ سان سُرنگهہ ڏي ٿا وڃن،
غير محفـوظ مـان اڄـان سـاڳـيـو.

بيقراري منجهان گهران نـڪـري،
دل ڇٽي ٿـي پـٽـي: رلان سـاڳـيـو.

مان اڄان ٿو اڇان او ڇوڪنـدي!
جام ’بيوس‘ سان گڏ پيان ساڳيو.

ساهَہ سُرنـدو وڃي پـيـو جانـي!
سِرُ ڪٽاري مٿان رکـان سـاڳـيـو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها وستي اجاڙي وئي،
جتي محبت ڏهاڙي وئي.

ويو جئن عشق سجدي ۾،
مٽان بيهي ڪُهاڙي وئي.

جتي پاڻي نہ پهتو هو،
اتي پهچي اُماڙي وئي.

دفن ٿي بي ڪفن ڪاري،
وئي غيرت اگهاڙي وئي!

"اچو منهن آهہ ماڻهن جو"
ائين چوندي ڪُراڙي وئي!

خدا ڄاڻي حياتيءَ جي،
گهٽي قيمت اڳاڙي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪنهن جي جهلَ تي بيٺا،
پر موتي ڳلَ تي بيٺا.

ڳچيءَ ۾ ڳٽ پوڻو هو
انهيءَ هڪ حلَ تي بيٺا!

سڪل سنڌوءَ ۾ ٻيهن ها،
اچي پر نلَ تي بيٺا!

خماريل سپ هئا رهبر،
پرائي ٻلَ تي بيٺا!

صدين جي سار جا وارث،
اچي هڪ پلَ تي بيٺا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي مزي يار تي ويا آهيون،
روح تي بار تي ويا آهيون.

گڏ هجڻ جو جواز ڪهڙو هو
بي سبب ڏار تي ويا آهيون.

هڪ ڏکي ويڙهه جان حياتي آ،
۽ اسان هار تي ويا آهيون.

هوند اٿهوند جي پٽيان هلندي،
پاڻ تي وار تي ويا آهيون.

ها اهو عشق جو ڪرشمو آ،
جو اسان ٻار تي ويا آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل هئا، ماڪَ هئي، جيستائين ڏٺو
حسنَ جي هاڪَ هئي، جيستائين ڏٺو.

ڪنهن پڇيو مرڪندي: ”عشق ڇاهي ڀلا؟“
مون اڳيان تاڪَ هئي، جيستائين ڏٺو.

جا حياتي هئي سا تہ هِيسيل هئي،
موت جي ڌاڪَ هئي، جيستائين ڏٺو.

سار هئي هار هئي، منڌ هو پنڌ هو
ٻي نہ املاڪَ هئي، جيستائين ڏٺو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽئي تنگ پيو گهيرو هر لاٽ اجهامي ٿي،
سوچان ٿو سڙن هٿ ٿا ۽ آگ اپامي ٿي.

هي روح ته هڪ حد کان اڳتي نه سجائي ٿو
مون کي ته ڪٽي مٽي لاحد ۾ اڏامي ٿي.

ڪنهن ڪڏ منجهان سهٽين جا لاش ڳجهين ڳولهيا،
تذليل ڏسي اهڙي تهذيب به ڪامي ٿي.

احرام ٻڌي جاني سنڌوءَ کي ڪيو سجدو
ڌرتيءَ جي عبادت آ هر جاءِ اگهامي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبر جي آڳ ۾ آءُ جلندو رهان،
حڪم آهي تہ خاموش هلندو رهان.

هُو اشارو ڪري ٿو وساري ڇڏي،
هُو ڀڏائي تہ ڪيسين مان نچندو رهان.

ڪنهن سهاري جي ڏاڪڻ چڙهان ئي نٿو
مان لهان ٿو لهان هيٺ لهندو رهان.

مان مڃان ٿو تہ رب! تنهنجو محتاج هان،
پر ضروري تہ ناهي مان گهرندو رهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي خدا! شور کي ڪا ڏي معنيٰ،
ڪائنات تي وجي نہ بي معنيٰ!

ڪُلُ مايا جلِي وري بہ جلَي،
بس حصي جي رڳو ٻري معنيٰ.

زندگيءَ جو سبق نہ ٿو سُلجهي،
تون ڪٿي ٿي رهين اڙي معنيٰ؟

چنڊَ ڪڙندي فقط اهو سوچيو
ڪا تہ هِن رات کي ملي معنيٰ.

جام جو سمنڊ ٿو ڇلي مون ۾،
هر لهر ۾ پئي تري معنيٰ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گُهرايو ٿا نہ ڪي پيارا اڇو ٿا،
ٻڌايو ڪهڙي پيڙا ۾ پچو ٿا؟

ڪٺي مون پاڻ تي سڀ رنگ هاريا،
نہ ڄاتم رنگ ڪهڙي ۾ رچو ٿا.

وسيلا سڀ دلا ٻيلا ٿي ويندا،
اوهان جي نينهن ٿي لايو ڪچو ٿا.

ڪري هڻ وٺ گذاريون زندگي ٿا،
ڪيون بس روح لئہ پيدا ڏچو ٿا.

اوهان جي دل ۾ گونجي ٿو درازا،
تڏهن جاني! اوهان بيخود نچو ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هجي دل تہ دلبري بہ ڪجي،
زندگيءَ ۾ مري مري بہ ڪجي.

رهزنيءَ مان نٿي ملي فرصت،
ساھُہ پنھنجي تہ رهبري بہ ڪجي.

روشني راهہ ۾ تہ ڪرڻي آ،
پوپلي باهہ ۾ ٻري بہ ڪجي.

ديسُ هوشوءَ رکيو هٿيڪو آ،
پر حفاظت وري وري بہ ڪجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو مور رڙيا جاني!؟
هي ڪير سڙيا جاني!؟

ڪي خواب اجالا تي،
اوندهه سان اڙيا جاني!

هُن رات ڪي اِينگهايو
هُن گهات گهڙيا جاني!

ڪو پنڌ نه تو نبري،
ڪنهن پير ڪڙيا جاني!

ڪجھ گهاءَ ته موتين جئن،
جيءَ ساڻ جڙيا جاني!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا ٽٽل دل هئي ڏني، تارو ڏنو
ڪو گلابي گل هئو ’ڪارو‘ ڏنو.

فيصلو جرڳي ڏنو ڪوڙو هئو
دل اهو ڏنڊو سچو سارو ڏنو.

هڪ گهٽي اُن پر بہ هئي سنڌوءَ جيان،
شهر جيڪو سمنڊ جان ڪارو ڏنو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل سيج تي ڪئن ٻهڪندا،
ونواها! مان صحرا جيان.

مون ڪان پري ٿورو پري،
وٽراها! مان صحرا جيان.

شل جل - پريون تو ۾ وسن،
درياها! مان صحرا جيان.

هِي موت مون ۾ پنڪندو،
اي ساها! مان صحرا جيان.

چپ خشڪ ڪئن مان ترڪيان،
الله! مان صحرا جيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات ويهي ٿي رهي بس گهڙ گهڙي،
اڄ ان کي مُڪ وهايون پڙ ڪري،

هُن ورهاڱي جو وري خنجر هنيو
جنئن اسان هن کي مجبور رهبر ڪري،

پُٽ سڀ تاڙيون وڄائن ٿا پيا،
ماءُ پاليا ها اهي سڀ نڙ ڪري!

ڪاش ڪو انسان کي رستو ملي،
ڪاش مذهب بند پنهنجو در ڪري،

نيٺ هُو پسندو مٿيءَ جو پيچرو
معرفت جون منزلون پل سر ڪري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي رات آڪاشُ ٻهه ٻهه ٻريو
چِڪي ڪنهن جوانيءَ ياڪُر پريو.

اُتر جي چون ٿا هئي پدمڻي،
جتان چنڊ واپس نہ آهي وريو.

پهاڙن جي وچ ۾ ندي ٿي لُڏي،
الا او وصالن جون ڳالهيون ڪريو!

چمي نرم گنبذ لٿُس صحن ۾،
پنيءَ ويل ٻيڙيءَ ۾ سورج تريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن رات ٿِي، ٻتِي ٻرِي آڪاس جي،
سَٿَ ساهہ کي آئي وري آڪاس جي.

دامن ڪشادو ڪيترو آ پورڻ جو!
هُن ڇو ڪسي مون کان ڌرِي آڪاس جي؟

مون خواب ۾ ٽٽندي ستارن کي ڏٺو
اُن پل ڏٺو مون دل ڌڙي آڪاس جي.

اُن ۾ تہ هاڻي مِڪُ ئي ناهي رهي،
رِڙڪن پيا ٽا هو نرِي آڪاس جي.

منهنجي مٽيءَ سان ئي وفا آهي لکيل،
سوچي اهو ملجان پرِي! آڪاس جي.

ڏرتي گهڻو درياهہ کي ويجهو وئي،
ان ۾ بہ ٻڏي ٻيڙي ترِي آڪاس جي.

آهيان گهڻو ٿڪجي پيو منهنجا خدا!
لاهي رکان ڪاتي پرِي آڪاس جي.

منهنجو 'حُسين'+ بال ويو آهي ڪٽڻ،
منهنجي اڳيان ڪولي درِي آڪاس جي.

+ منهنجو پٽ: حسين اياز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪھڙي منزل ھئي، ڇا ارادو ھئو؟
سڀ وساري ڇڏيو ياد توکي ڪيو.

مون ڏٺي ڏمَر ۾ ڪم ظرف سرڪشي،
رھزنن سان گڏيو ياد توکي ڪيو.

روح جي رڻَ ۾ ڪنھن مسافر جيان،
اڄَ جھوپو اڏيو ياد توکي ڪيو.

مان مڪان لا مڪان ڪان بہ اڳتي ويس،
ڪنھن الائي سڏيو ياد توکي ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪجھ بہ ڪرڻ چاهيو سو ٿِي سگھيو نہ هوندو،
پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪو جِي سگھيو نہ هوندو.

گھر ٻار جي خفي ۾ فرصت ملي نہ هوندس،
هٿ ۾ تہ زهر هوندس، پر پِي سگھيو نہ هوندو.

ڪا ديد دلبريءَ جي جنهن تي پئي نہ هوندي،
چپ ڏار ڏار هوندس، مرڪِي سگھيو نہ هوندو.

ڪنهن گهاءَ جي پتڻ تي ڪا ناوَ بيٺي هوندي،
جنهن ۾ وڃي مسافر موٽِي سگھيو نہ هوندو.

منهنجي هجڻ جو سورج جرڪي نہ ٿو ڪٿي پي،
هر ڪو چوي ٿو: ”جاني ايرِي سگھيو نہ هوندو“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيڙي جوانيءَ جي ٺري ٽي موهه ۾،
هر لهر ساگر جي اٿي ٽي ڇوهه ۾.

ڪيڏو نه سهڻيءَ ڪي ڪڇل وٽندو هيو
ڪاري ڪهاڙيءَ جي اچي وئي ٻوهه ۾.

آدم اڪيلائي خدا جي ويو ڪٽي،
الجهي پيو آهي خدا انبوهه ۾.

’موهن ڪلپنا‘ + ڪوتڙيءَ واپس وريو
۽ مان ڏسان ٿو ’رئيس‘ ڪي امروهه ۾.

انڌي عدالت جي اڳيان چپ ٿي رهيو
سوري قبولي ويو ڏسڻ جي ڏوهه ۾.

”جيجل امان سمجهاءِ پنهنجي پٽ کي!
هاڻي اڪيلي مان نه رهنديس پوهه ۾“

ويساهه ڪر سڀ ڪجهه فنا ٿيٽو نه آ،
سڌ عشق جا پُرندا ٿي رهندا روهه ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي خدا جا اناج! بک تي هان،
منهنجا ويري سماج ! بک تي هان.

ويجهو هوندي بہ مان نہ تو پهچان،
اي مهانگا علاج! بک تي هان .

هاڻ نعري جي سگهہ ئي ڪانهي،
ڏس مون ڏي حلاج! بک تي هان.

گرهہ اچلائي تو ڏنو مون کي،
پوءِ ڏاوا مزاج! بک تي هان.

زندگي مون رکي ڇڏي گروي،
پوءِ بہ وڏندڙ وياج! بک تي هان.

ڪهڙا ميلا ملاڪڙا جاني!
ڪهڙيون رسمون رواج! بک تي هان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدين کان روح ويڳاڻو اوهان لئہ اشڪبار آهي،
"اهوئي آءُ آهيان ۽ اهو ئي انتظار آهي+"

نہ ڪا پرواهہ جنت جي نہ ڪوئي خوف دوزخ جو
سدائين مون ڏٺو آدمُ حوا لئہ بيقرار آهي.

حبيبن ساڻ حجّت خاڪ جي موسيٰ نہ هلندي آ،
ڏٺو مون عشق جي پردي ۾ خود پروردگار آهي.

نہ هاڻي چنڊ ٿو موهي نہ تارا مسڪرائن ٿا،
ازل جي ڪارخاني ۾ بہ شايد انتشار آهي.

شرابين ۾ فضيلت ماڻهپو ۽ ظرف قائم آ،
ڪميڻو جي نشو آهي، اُهو بس اقتدار آهي.

+ سائين امداد حسينيءَ جي طرح -



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت سان وِيڙَ سان پيو الجِهي،
ناڪئو سِير سان پيو الجِهي.

لوءَ مان، لُڪَ مان ويو گذري،
هيئڙو هِير سان پيو الجِهي.

لوحِ محفوظ ۾ بہ تنهائي،
فردُ تقدير سان پيو الجِهي.

هُن اکين کي گهٽوئي سمجهايو،
عشق پر نير سان پيو الجِهي.

خواب ۾ هن ڪنئي ڪُهاڙي آ،
جاڳ ۾ تِير سان پيو الجِهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر جا آواز اڳ ڪارا نہ ها،
روشنيءَ جا رنگ هئن ڪارا نہ ها.

ذهن ۾ بارود هو، ڀالا هئا، خنجر هئا،
گل نہ ها، پوپٽ نہ ها، تارا نہ ها.

اڄ بہ اورنگ جي پيا ڪن مخبري،
دوست هِي اُن وقت ۾ دارا نہ ها.

هوا ڪيلو ٿي نديءَ سان ويو ملڻ،
هُن ڏٺو پُرڪيف سي چارا نہ ها.

موهہ مان هُن شال سرڪائي ڇڏي،
نيڻ پر ايئن ڏاپجڻ وارا نہ ها.

’سنڌ‘ لکندي چاڪُ هو سڏڪي پيو،
لڙڪ ها استاد جا، نعرا نہ ها!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ڏڪوڙِنو تہ مان وري وري ڪِريس،
پاند ڪنهن ڇِنو تہ مان وري وري ڪريس.

جنهن ڪري بنا پرن اُڏيس مٿي گهڻو
تنهن چيو ڪِنو تہ مان وري وري ڪريس.

واٽ تي وڇون ڏسي نہ خوف پئي ٿيو
واهرو ڏِنو تہ مان وري وري ڪريس.

ڪالهہ جنهن ڪي مون اٿو لٿو اجهو ڏنو
تنهن چيو "پِنو" تہ مان وري وري ڪريس.

مرڪ جي دعا تہ مون خدا! گهري هئي،
پو بہ ڳل پِنو تہ مان وري وري ڪريس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيءَ جهاڳيو جوڳ تائين،
زندگيءَ جي سوڳ تائين.

يوڳنا تائين بدن هو
روح پهتو روڳ تائين.

هجر جي پُرڪيف دنيا،
ڇا هيو سنجوڳ تائين.

هڪ ملامت جو سفر آ،
ڏمر سرڪش، ڦوڳ تائين.

ها خدا ڪي مون ڏٺو آ،
پاڻ سان هر يوڳ تائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏي حياتي تنگ اڳ ڪاتي هئي،
هر پل اداسي سنگ اڳ ڪاتي هئي.

پرچاءُ تي پوندو هئو هڪ مرڪ سان،
هئن پنهنجي جيءَ سان جنگ اڳ ڪاتي هئي.

ڪي نيڻ ها، ڪي زلف هي، ڪي چپ ها،
هيءَ زندگي بي رنگ اڳ ڪاتي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺ جو ڇهرو اکيون پٿر رکي،
ڪيئن ملجي وڃ ۾ خنجر رکي!

اڄ جو صحرا وڃي ٿو ڦهلبو
ڇا ڪيان مان آب جو منظر رکي؟

مان ڇُڪايان وياج ٿو هر شهر جو
ڳوٺ جو هر هڪ گروي گهَر رکي!

زندگيءَ جا نيڻ شل اجرا رهن،
مان ڏسان ٿو نينهن جو اوجر رکي.

ڪنهن نه سنڌوءَ کي ڪٺي ٿر ۾ رکيو.
وقت سنڌوءَ ۾ ويو آ ٿَرُ رکي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کنيي ويا سرخرو سپنا، اکين جا ماڳ اجڙي ويا،
شڪارين بود مان باهيو، پکين جا ماڳ اجڙي ويا.

کهاڙين سان ڪري ڳترا، ڪٽي ڪڏ ان ۾ اڇلايا،
محبت تي ڪري دانهون، سکين جا ماڳ اجڙي ويا.

اسان جو پل گذاريون تا، رهون اڻجاڻ تا اُن ۾،
اسان جي بي ڌيانيءَ ۾ صدين جا ماڳ اجڙي ويا.

اجاري چنڊ جو سپنو وڃي زندان ۾ پهتو،
اسان ڏسندا رهياسين ۽ ندين جا ماڳ اجڙي ويا.

ڇيو جنهن وار ڪارونيار جاني! سو ڪٽي آهي؟
ڏسي ڪيئن چيڙهه پئجي ويو سڳين جا ماڳ اجڙي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خنجر لڪائي ور ۾، هُو ريل مان لٿا ها،
۽ مسجدن جي پير ۾، هُو ريل مان لٿا ها.

ٻارن، پڪين، پنيورين، درياهہ ٿاهہ ڪاڏو
پٿَرَ ڪٽي پڌر ۾، هُو ريل مان لٿا ها.

هڪ بي اصول سياست مذهب جي آشنا هئي،
جن ڪي ڄٽيائون تر ۾، هُو ريل مان لٿا ها.

هاڻي بہ ريل ميڙي ڪچرو ڪٽي اچي ٿي،
اڳ ۾ بہ منهنجي گهر ۾ هو ريل مان لٿا ها.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجايو شور هو، پٿّر هٿن ۾ ها،
ڄين ۾ باهہ هئي، خنجر هٿن ۾ ها.

هجومن تيرَ اڇلائي نوازيو پئي،
ڪلهن تي مسجدون، مندر هٿن ۾ ها.

الائي ڇو ڇپن تي مرڪ بيٺي هئي،
اکين ۾ ريج هئي، ٺوهر هٿن ۾ ها.

هُنن جا پير ڏرتيءَ کان مٿي ڇو ها؟
ڪٿي ڪيڏي رهيا رهبر هٿن ۾ ها!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معمول موجب زندگي گذري پئي،
ڪجھ روشني ڪجھ تيرگي گذري پئي.

پوپٽ، پکي پاٽي ڪٽي پھتا اچي،
دوزخ منجھان ڪا دل لڳي گذري پئي.

منھنجا خدا! ڪر ڪا نوازش عشق جي،
ڪنھن رسم وانگر بندگي گذري پئي.

ڪجھ ھٿ ڪپن ھُن ڪي اڳيان خيرات لئہ
بس حاڪماڻي بيحسي گذري پئي!

ھڪ روح جي خانہ بدوشي مون ڏٺي،
ھڪ جسم جي ئي تشنگي گذري پئي.

مجرم جيان ڪنڌ ھيٺ جانيءَ جو رھيو
ڏرتيءَ ڏٺين جي بيوسي گذري پئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٿر جون اکيون آهن،
وردي‌ءَ ۾ رکيون آهن!

هر ڏيم بهانو آ،
’سنڌو‘ ۾ اکيون آهن.

ڪاريءَ جي قبر پرسان،
سڏڪن ۾ سکيون آهن!

جرڳا نہ ڳلن جهڙا،
لاشن تي مکيون آهن!

پڪ خاڪ ڀري پوندي،
چٽنگون تہ بکيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي داڻي منجهان اڙجي وئي،
بڪَ جي ماڻي منجهان اڙجي وئي!

مرڪ جو هڪ ريشمي تاڪيو ڪليو
گهرجَ پر ناڻي منجهان اڙجي وئي.

مسَ گهر جي گهُٽَ مان نڪتي هئي،
نينگري تاڻي منجهان اڙجي وئي.

ڏڏ ولوڙيندي ڏنائين پاڻ ڪي،
هڪ نظر ڇاڻي منجهان اڙجي وئي.

مون تہ پنهنجي دور جي مومل ڏٺي،
جا هئي راڻي منجهان اڙجي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات الجهندي رهي وار وار سان،
چنڊ ٻيي وڙهيو پئي تيز ڌار سان.

سوجهه جا پکي اُڏيا جوش مان هئا،
پر لهي اچي مليا هيٺ هار سان!

ڪنهن نہ آسمان تي حرف ڪو رکيو
آسرن ونگي ڇڏيا پيير تار سان.

ذات ۽ صفات جي شور کي ڇڏيو
روح کي ويڙهي ڇڏيو ڪنهن ٻہ سار سان.

وصل جو ڏيئو ٻري پيو اماس ۾،
دل مِلي کِلي وري پنهنجي يار سان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سزا جي نظر کان اوجهل هان،
مان جزا جي نظر کان اوجهل هان.

اڻ پاڻيءَ پنيان ڊڪيو آهيان،
مان خدا جي نظر کان اوجهل هان.

هڪ فنا اک ڪڏي نٿي مون مان،
مان بقا جي نظر کان اوجهل هان.

ڪجھ سڃاڻي نہ ٿي حوا مون کي،
ڪجھ وفا جي نظر کان اوجهل هان.

مون تي واري وري وئي آهي،
مان صدا جي نظر کان اوجهل هان.

عشق مون ۾ آ خدا وانگر،
مان انا جي نظر کان اوجهل هان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام تائين اوهان نہ ساريندؤ
جيئري ئي لڳي ٿو ماريندؤ.

شهر جي هر گهٽي اڱيان ٻي گهٽي،
ڪنهن نہ ڪنهن موڙتي وساريندؤ.

ڇو ڪجل کي ڪٽي رکي ڇڏيو؟
ڇا اڃا ٻيي ڪي لڙڪ هاريندؤ!

هجر جي رات ۾ پيو پٿڪان،
وصل جو سج ڪڏهن اڀاريندؤ؟

پاڻ کي رد ڪري هليو ٻہ وڃان،
ڪيترو پو اوهان نهاريندؤ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو سوا هر فضا اوپري ٿي لڳي،
پاڻ کان هر صدا اوپري ٿي لڳي.

مئڪدي مان وٺان ساهه جا ڍڪ پري،
مسجدن جي هوا اوپري ٿي لڳي.

مون مٿان بي رخين جون وسيون بارشون،
هيءَ حياتي الا اوپري ٿي لڳي.

مهڪ تنهنجي هجڻ سان هئي هال ۾،
تون وئينءَ هر ڪلا اوپري ٿي لڳي.

هن جي ويجهو وڃي مون ڏٺي روشني،
چنڊ تنهنجي ادا اوپري ٿي لڳي.

روح جڏهين فقيري وٺي ٿو هلي،
پوءِ دنيا صفا اوپري ٿي لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آٿتُ ڏئين ٿي نہ دلجاءِ تون!
اجايو نهارين ٿي ڇا لاءِ تون!

اڙي چنڊ مون کان پري ٿي پري،
سڙان ٿو پيو مان، نہ تڙپاءِ تون!

ڪشادو ڪري ٿي سگهين اپّ ڪي،
هوا ۾ رئو ڪجهہ تہ ڦهلاءِ تون!

ٻُڏي سنڌ توکي ٿي جاڳي پوي،
سدا جيءُ بيدِل+ سدا ڳاءِ تون!

وري ساز ٻيجل ڪٽي آ ڪٽي،
وري ڪور ڪنڌ ڪي، نہ گهبراءِ تون!

+ قومي راڳي بيدل مسرور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ نظر جو ڳلُ تو اڇليو ڪٽي،
ماٽ ۾ ڪو هلُ تو اڇليو ڪٽي.

پلَ جي تسڪين ۾ تو ڇا ڏنو؟
جُزوني ڇو ڪلُ تو اڇليو ڪٽي؟

بي مُلهو اڱ ۾ ڪري ڪيري ڇڏيئي،
پو ڪٽي ڪجهه ملُ تو اڇليو ڪٽي.

نانگ جو ڄڻ هو وراڪو ڳلَ تي،
ايئن هٿو ڪاڪُل تو اڇليو ڪٽي.

اي خدا! مون ڀور جان هو لوڙيو
پيٽ ۾ پو لُلُ تو اڇليو ڪٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندي ايامن کان رهي ڪارِي هوا،
ڪٽندا رهياسين ساهہ ۾ ڏاري هوا.

گلَ پنکڙين جي سڳَ جي چولي اٽي،
صحرا منجهان آئي ڪٽي واري هوا.

اڻڌاهہ جي اذيّت هئي ۽ گُهٽ هئي،
ڪنهن ٻارڙي تيلي ڪٽي ٻاري هوا.

هُن جي حويلي جون هيون ٻوٽيل دريون،
هُن جي نظر ۾ جڻ هئي هاري هوا.

جرڪي پئي ٽي روشني، خوشبو مٽي،
جئن قيد مان نڪري پئي ناري، هوا

بيچين دل وحشت نہ ڪا دهشت ڏٺي،
بي خوف هُن لهرن مٿان تاري هوا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وحشي زماني سان اڙِي معصوم دل!
تو ڪيئن وڙهي هڪ هڪ گهڙِي معصوم دل!

هڪ رڻ ڏِسي رولاڪ ڪڪريءَ کي پيو
هڪ لڙڪ تي ان تي ڳڙي معصوم دل!

هڪ عمرِ جي مُندي سچي ڪنجي وئي،
ڪنهن جبر سان ان ۾ جڙي معصوم دل!

جنهن دور جي دانشوري نابين هئي،
ان دور جي انڌن تڙي معصوم دل!

ڪلهه اڄ ۾ صحرا لتاڙيندي رهي،
اڄ مينهن ۾ جاني سڙي معصوم دل!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ بوند سان، هوا سان،
ڪجھ جي وٽون رضا سان.

مهڪي گناھ جو گل،
تعلق رهي سزا سان.

هن جسم کي نکاريو
ڪنهن خواب جي ڪلا سان.

بيتاب چنڊ ملندو
بيچين ڪنهن صدا سان.

وٽ روح جي فقيري،
هل عشق جا انا سان.

هُو پاڻ ئي اڪيلو
ڪھڙو رُسون خدا سان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر خواب جي ڪولي دري ڇا تي ڏسين؟
دل جا ذرا پرزا ڇريا ڇا تي ڏسين؟

وحشي لڪو آهي وڃي منصف پٺيان،
جبري نِڪاحيل نينگري ڇا تي ڏسين؟

موهن دڙي جو مان لڌل هٿيار هان،
اونداهہ ۾ هر هر ٻري ڇا تي ڏسين؟

تنهنجون اکيون ڪنهن کي ڏسي پٿر ٿيون،
بي آب رُت ۾ جل پري ڇا تي ڏسين؟

هٿ ڏي تہ پهچون زندگيءَ جي توڙ تي،
هر موڙ تي هٿ جي تري ڇا تي ڏسين؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسمَ هو جسمَ تي آرو رکيو
روح ۾ هو تنل تارو رکيو.

بانسري ڪنهن ڏنئي بيچين سُر!
دل ڪٽي ڪنهن اُتي پارو رکيو.

عشق هو چور جو پيرو نہ هو
ڇو خدا ان مٿان ڪارو رکيو! ؟

سرخ رُو جنهن هئا سپنا ڏٺا,
نانءُ ان جو اسان ’ڪارو‘ رکيو!

وهم جي قرض ۾ پاٽي ڏنو
خشڪ تر ذهن جو ٻارو رکيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيتون جي تاري نہ هئي ڳيرو نہ هو،
واسينگ ها، ڪومور جو پيرو نہ هو.

ڪئن ڏوڙ ۾ لٽجي ويا سڀ قافلا،
اجرين اکين ۾ خواب جي ميرو نہ هو!

هُن زلف ۾ ويڙهي رکيو هو وصل کي،
هن وار جئن ڪوليا تہ ڪو گهيرو نہ هو.

ان ننڊ جي مون لئہ ڪراچي تنگ هئي،
جنهن جاڳ ۾ منهنجو نئون ڏيرو نہ هو.

دل سانوڻي وسندي رهي، جلندي رهي،
پرسان ڪٿي بارش نہ هئي، ڇيرو نہ هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ لفظ ڪجھ تاندا ڪٽي بازار ۾ ٻيهي رهيو
بازار جا ماپا ڪٽي، بازار ۾ ٻيهي رهيو.

جن جو گهٽوئي اگهہ هو، ڪو ڪنگ هو ڪو ٻگهہ هو
هر ڪو اهي ڇهرا ڪٽي بازار ۾ ٻيهي رهيو.

جن پيچرن تان پرهہ جا اهڃاڻ مِٽبا ئي نہ ها،
هڪ سڄُ سي رستا ڪٽي بازار ۾ ٻيهي رهيو.

هن جي اکيان هو سمنڊ ۾ هڪ چنڊ، پر هن جو نہ هو
هو گل رکي، شيشا ڪٽي بازار ۾ ٻيهي رهيو.

هڪ زندگي اٿهوند جي آڙاهہ ۾ سڙندي رهي،
مزدور بہ پَتڙا ڪٽي بازار ۾ ٻيهي رهيو.

هڪ دور ۾ پيدا جتي واپار جا ماهر ٿيا،
هر ڪو اتي سپنا ڪٽي بازار ۾ ٻيهي رهيو.

اِن تخت سان بد بخت سان جنهن جو بہ پيوند آ ٿيو
ماٿهو اهو رشتا ڪٽي بازار ۾ ٻيهي رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُسنُ تنهنجي حُسنَ تي حيران آهي،
ٽِڪ ٻڏي بيهي رهيو يڳوان آهي.

تون چپن جون پنکڙيون هر هر چپين ٿي،
ها اهو ئي وصل جو وجدان آهي.

وار جهٽڪي سان پري منهن تان ڪرين ٿي،
چنڊُ هاڻي ڪجهه گهڙيون مهمان آهي.

اي زمانا روح کي روڪي نہ سگهندين!
جسم تنهنجي راهہ ۾ قربان آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معمول جي ڪُنِ مان نٿو نڪران،
نڪرِي بہ مان اُن مان نٿو نڪران.

مون هوش جي دنيا  ڇڏي آهي،
پر درد جي ڏُن مان نٿو نڪران.

هُو سڀ ڇڪن ٿا پونءِ پيرن مان،
پر مان اڃا پُن مان نٿو نڪران!

ويڙهي وئي آهي ڪا وڻ ويڙهي،
بي سُرت مان سُن مان نٿو نڪران.

ڄاڻان ٿو مان منهنجي نہ آ جاني،
پر ڪنهن بہ پل هُن مان نٿو نڪران.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽَوٽ ڏرتي هئي،  ذهنَ بنجر هئا،
وقتَ ور ۾ لڪايا ڪي خنجر هئا.

اڄ انهن کي سجاڻي رڳو خاڪ ٿي،
مون اڳيان جرڪندا جيڪي منظر هئا.

رات پارو ڪِريو جھوپڙين جي مٿان،
بي خبر ننڊ ۾ سڀ پڪا گهر هئا.

لپَ حياتي ملي، ٻُڪ ۾ داڻا مليا،
خواب جهڙين اکين ۾ ڪبوتر هئا.

هُو رَتو رت اڏاميو پئي اڀَ ۾،
مون ڏٺو هيٺ هُن جا پِيا پر هئا.

ڪو بہ دودو بلاول نہ هوشو هئو
سڀ چنيسر هئا، جيڪي رهبر هئا!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گناهن کان ثوابن کان مٿي سمجهو حياتيءَ کي،
جتي مڪڙيون، جتي پوئنرا، اتي رکجو حياتيءَ کي.

زماني کي ڪجي ڪاڏي، انهيءَ سان پير ڇا ڪٽجي؟
جهلي جنهن کان انهيءَ پاسي، وٺي ويجو حياتيءَ کي.

پرينءَ جي پير ۾ پايل وڄي ٿي، جسم جهومي ٿو
وڄِهي ٿِي مٺڪشي ياڪر چئي: ترسو حياتيءَ ۾.

خدايا! تو ڏني جيڪا اُها هيءَ زندگي ناهي،
هجي فرصت ته هڪ ڀيرو ڪٽي ڏسجو حياتيءَ کي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر وقت ڪنهن گناهہ جي احساس ۾ رهڻ،
شايد سزا ئي آهي آڪاس ۾ رهڻ.

بي انت آهہ صحرا، بي انت اڃ آ،
ڪيڏو ڪٺن آ هجر جي بنواس ۾ رهڻ.

منهنجو گلاب چهرو پٿرن ڍڪي ڇڏيو
پر مون ڇڏيو تہ ناهي وشواس ۾ رهڻ.

زنجير، بند، بيڙيون آهن ٽٽڻ جي لئہ،
آهي غلامي فڪر جي افلاس ۾ رهڻ.

مخدوم جي هڏن جا ٽڙڪاٽ ٿا چون:
”ابدي تہ زندگي آ اتهاس ۾ رهڻ“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گھڻو ئي دل کي سمجھايم، نہ وڃ آڙاھہ ساڙيندو
ڪُڏي هُن پاڻُ اڇلايو چيائين: چاھہ ساڙيندو.

جفا جي تِتِ ٻڏي ويندي، نہ ڪجهندي حرف ڪو هڪڙو
رتا هٿ پير ساڙيندا، مٿان ونواھہ ساڙيندو.

سنڀالي سار جا سڏڪا، نماڻي تي هلي ويندي،
پري مان ڄڄ ڪان هوندس، پيو هي ساھہ ساڙيندو.

زماني جي اڃي رڻ ۾ اسان تي گلَ ڦٽنداسين،
جي ساڙيندو ازل جي عشق جو ويساھہ ساڙيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جئن چنڊ بيخود ٿي نديءَ تائين وڃي ٿو
تئن هر متارو مئڪشيءَ تائين وڃي ٿو.

هن جي وڇوڙي کي نہ ٿو سوچي سگهان مان،
هر خيال هن جي دلڪشيءَ تائين وڃي ٿو.

شايد تہ هن کي پوئتي ورڻو ئي ناهي،
پر سڏ منهنجو اجنبيءَ تائين وڃي ٿو.

هر رات اُن ۾ ڪڏ جان ويهي رهي ٿي،
جيڪو بہ رستو روشنيءَ تائين وڃي ٿو.

جنهن آجپي جي خواب کي هڙ ۾ ٻڌو آ،
سو پيرسن پيادو ٽتيءَ تائين وڃي ٿو.

ڪنيجي وڃڻ جي خوف کان پُٺ کي ڏسان ٿو
هُو هڪ گهٽيءَ کان ٻي گهٽيءَ تائين وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميسڙي رات اُيي بيٺي آ،
ديس جي دل ۾ چيي بيٺي آ.

دلربا مرڪ سهارو منهنجو
ڪجھ نہ ڪجھ درد سبي بيٺي آ.

چونڊجي تخت ولاريو اوندھہ،
روشني اڄ بہ ڪبي بيٺي آ.

خواب جي لهر وري ٽڪرائِي،
ننڊ مسين لڙڪ اگهي بيٺي آ.

دل گستاخ ڪري ڇا جاني!
احتراماً تہ اٿي بيٺي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ھڪ تي سڳھياسين، نہ ڪي ڏار ٿياسين،
ازل جي محبت جا اسرار ٿياسين.

ايامن ڪان ڀاڪر، چميون روح سانديون،
ملياسين تہ جنمن جا اظهار ٿياسين.

ڪٽي خوف خطرا وجي سهٽي ماٺي،
اسان آبرودار ميهار ٿياسين.

اُچو رڻ وڇائي اڳيان هن رکيو هو
اسان سانوڻيءَ جي ٽڪي ڏار ٿياسين.

اکين لڙڪ روڪيا، نہ سڏڪن سنڀاليو
جدائيءَ جي در تي روئڻهار ٿياسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀونءِ کان ڀت پڪي ڪٽي اڇجو
اڀ اورانگهي ڀڪي ڪٽي اڇجو.

آسمان تي تہ وڻ بہ ڪونهي ڪو
جي اچو تہ ڪا چڪي ڪٽي اڇجو.

زندگي برف جئن ڄمي نہ وڃي،
باهہ ڪاٿان ڏڪي ڪٽي اڇجو.

نُور ڪي ڀي ڇڏي نٿي هڏڪي،
خاڪ، پاڻي، ڦڪي ڪٽي اڇجو.

اڄ خدا پاڻ هٿ گهمائيندو
روح پنهنجا ڏڪي ڪٽي اڇجو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برف جهڙي گهر سان بيٺي آ،
ڏمَر جهڙي ور سان بيٺي آ.

هُن انوکو سڏ تي ٻڌڻ چاهيو
ٻتُ ٻڻجي در سان بيٺي آ.

سجُ جنهن لئہ گلُ تي مهڪيو پئي،
جل پري سا ٻر سان بيٺي آ.

مون تہ هن جي هٿ تي بيعت ڪئي،
هوءَ منڪر تر سان بيٺي آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ ڏسن ٿا تہ ٻري ٿو بنگلو
پوءِ ڪيئن شهر ٻُڏو اونده ۾.

جي نہ ٿا تير ڪڍي اڇلايو
پو ٻڌي پينگهہ لُڏو اونده ۾.

ٻاٽ ۾ ميڻ بتي ٻرندي هئي،
ڪنهن رکيو آهہ گُڏو اونده ۾.

روشني ٿورو مٿي آهہ اڃا،
ٿورڙي دير اڏو اونده ۾.

وقت ڪٿجي بہ وڃي ها جاني!
پر مليو ڪاٿ مُڏو اونده ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپائي خيال کي مايا ڪٽي آيا،
ڇڏي هُو روح کي ڪايا ڪٽي آيا.

وِڇِي ٿا آسمانن جون دريون ڪولين،
اُتان هو پنهنجا ئي سايا ڪٽي آيا.

اچا مون پاڻ کي پُورو نہ سمجهيو آ،
خدا جي لاءِ هو رايا ڪٽي آيا.

ڪٽي بيٺس جٺين ئي سوچ جي قد کي،
هو منهنجي هٿَ جا ڇايا ڪٽي آيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تتل صحرا پُڇائڻ ڇا ضروري آ؟
اُجي دل سان اُڇائڻ ڇا ضروري آ؟

خبر آهي تہ ناهيون تنهجي ليکي ۾
اُهو هر هر ٻڌائڻ ڇا ضروري آ؟

هوا! توکي بہ جيڪو روشني ڏئي ٿو
اُهو ڏيئو اُجهائڻ ڇا ضروري آ؟

عبادت جي نہ جنهن کي آ ضرورت ڪا،
انهيءَ وٽ سر جُهڪائڻ ڇا ضروري آ؟

ٻري دل خاڪ ٿي ويئي ايامن کان،
وري ان کي دُکائڻ ڇا ضروري آ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئجوس هوءَ هاڻي اُها ناهي رهي،
ڪجهہ شهرتون ماڻي اها ناهي رهي.

تڙندي هئي جيڪا حياتي هجر ۾،
سا وصل ڪي ماڻي اها ناهي رهي.

هئي چنڊ ۾ ۽ سمنڊ ۾ جا دلڪشي،
هاڻي خدا ڄاڻي اها ناهي رهي.

جا سدائين عشق جي در تي جهڪي،
سا تخت ڏي تاڻي اها ناهي رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي مٿي ٿي گهرجي، تارا رکو اوهان،
منهنجو نصيب مون سان، ڏارا رکو اوهان.

بي فيض رهبريءَ جو ماتم بہ ڇا ڪجي،
اونداهہ سان ٺهيل هي ڇارا رکو اوهان.

هر پيرُ سوجهري جي در جو گواهہ آ،
ڪيڏا بہ پير لِيڪيو ڪارا رکو اوهان.

پاڇي جيان محبت بي خوف گذرندي،
سامهون پلي ڪهاڙيون، آرا رکو اوهان.

هڪ ڇٽنگ مان مچڻ ڏيو آڙاهہ عشق جو
ڏسجي تہ پوءِ ڪئن ٿا پارا رکو اوهان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



اياز جانيءَ جي شاعري حيرت ۾ وجهندڙ آهي. هن جا ويچار اڻ ڏٺل ڏرن جو وهڪرو Effluvium آهن. جيڪي ٻاڦ جيان ايري مختلف شڪليون ٺاهن ٿا. هو شاعري ڪندي وهمن Illusions کي پريشان ڪري ڇڏي ٿو. هو اهڙو گمان انگيز Hallucinate آهي جو آئيني اندر ويهي ٻاهر عڪس ڏسي ٿو. هن وٽ پاڇن جو شهر آهي. جنهن ۾ سج لٿي ڪانپوءِ روڊ رستاءِ گهٽيون ظاهر ٿين ٿا. سنڌي شاعريءَ ۾ مون ايڏي Obsessional شاعري نہ پڙهي آهي.

- رسول ميمڻ

جديد سنڌي شاعريءَ پنهنجي پيڙهائيءَ کان وٺي اڄ جي دور تائين. ڪٿي بہ ٿڪ ناهي ٻڌو. اِن جي اٺين وارن ۾ جڏهن پراڻي توڙي نئين ٽهيءَ جي شاعرن آڳريون ڦيريون آهن تہ اِن جي سونهن چوڏس ڇِنڊو ڪيو آهي. اياز جاني اُن ئي سٽ جو اڄوڪي ٽهيءَ جو هڪ اڳواڻ شاعر آهي. هي جنهن 'فڪري گهرائي' سان تعلق رکي ٿو. ان جا لفظ ظلمات جي ذڪر سان ڪنبندا ناهن. پر اُهي سچائيءَ جي اظهار کي سڀ کان اعليٰ سمجهندا آهن.

- انور ابڙو

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book